ABC Certified THE MOST INFLUENTIAL & WIDELY ACCLAIMED SINDHI DAILY OF PAKISTAN
هڪ ئي وقت ڪراچي ۽ حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ قديم سنڌي اخبار
THE DAILY IBRAT Hyderabad
روزاني عبرت
حيدرآباد
68 Years 1958 - 2025
Regd: NO-2430-B
Hyd: Ph: 2728703-4, 2728571-2, Fax: 2781879, 2784300 - Isld Ph: 2823277
Karachi Ph: 2272030-7 - 4538862-3 - Fax: 2272038-9 - 4543839 - 2639492- Lahore: Ph: 5854047-8
سال (94) خميس 22 جنوري 2026 ع 02 شعبان المعظم 1447 ھ صفحا 6 - ملھ 30 روپيہ شمارو (160)
website: www.dailyibrat.com Email: ibrat@yahoo.com, ibratmarketing@yahoo.com

وڏي وزير پاران عمارت مان وڌيڪ لاش ملڻ تي ڏک جو ظاهر، حڪومت غمزده خاندانن کي اڪيلو نہ ڇڏيندي: مراد علي شاھ

ڪراچي ۾ باھ سبب تباھ ٿيل گل پلازا مان وڌيڪ 30 لاش مليا، فوتين جو انگ 61 تي ويو

عمارت جو سرچ آپريشن جاري، ميزانائن فلور تي ڦٽم هڪ ڪراڪري جي دڪان اندران 30 ماڻهن جا لاش هٿ آيا، ماڻهن پاڻ کي بچائڻ لاءِ دڪان ۾ پاڻ کي بند ڪري ڇڏيو هو

انهن ماڻهن جي آخري موبائل لوڪيشن بہ ساڳئي هنڌ ڪان آئي، اسان پاڻ دڪان مان 14 ماڻهن جا باقيات ڪڍيا آهن، واقعي وقت وڏي تعداد ۾ عورتون ۽ ٻيا ماڻهو بہ دڪان ۾ موجود هئا: دڪاندار

عمارت جو ملبو هٽائڻ دوران وڌيڪ لاش ۽ انساني عضوا ملي رهيا آهن، ڪيترائي ماڻهو اڃان تائين لاپتا آهن، جن جي ڳولا لاءِ سرچ آپريشن تيزي سان جاري آهي: ريسڪيو عملدار

سول اسپتال ۾ ٻن دڪانن مان 21 لاش آندا ويا آهن، اسان تصديق نٿا ڪري سگهون تہ اهي صرف 21 لاش آهن يا وڌيڪ ماڻهو آهن، صبح کان صرف باقيات آندا ويا آهن: پوليس سرجن

انساني باقيات تمام خراب حالت ۾ آهن، ٽٽل انساني هڏا ۽ ٽٽل ڏند مليا آهن، ڊي اين اي ٽيسٽ نہ هجڻ جي ڪري، باقيات وارثن حوالي ڪرڻ ۾ مشڪلاتون پيش اچن پيون: ڊاڪٽر سامعيا

گل پلازا واقعي ۾ تخريبڪاري جو ڪو بہ ثبوت نہ مليو آهي، مڪمل جاچ ڪئي پئي وڃي، گم ٿيل ٻمپر جي رپورٽ غلط آهي، ۾ واري رامپا پلازا کي ڪجهہ نقصان پهتو آهي: اي آءِ جي

ڪراچي (رپورٽ : راهب ڳاهو) ڪراچي ۾ باھ لڳڻ سبب تباھ ٿيل گل پلازا ۾ سرچ آپريشن جاري آهي ميزانائن فلور سان 30 وڌيڪ لاش مليا آهن جنهن سان فوتين جو انگ 61 تي ويو آهي ڊي آءِ جي سائوٿ اسد رضا موجب دڪاندارن ميزانائن فلورتي ماڻهن جي موجودگي جي سڃاڻپ ڪئي بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 2

پاڪستان جو غزه بورڊ آف پيس ۾ شامل ٿيڻ جو اعلان، وزيراعظم شهباز شريف صدر ٽرمپ جي دعوت قبولي ورتي

پاڪستان هڪ مضبوط ۽ واضح سفارتي مؤقف سان غزه ۾ امن جي قيام لاءِ قائم بورڊ آف پيس ۾ شموليت جو اعلان ڪري ڇڏيو آهي: پارلياماني معاملن واري وفاقي وزير تصديق ڪري ڇڏي

پاڪستان بورڊ آف پيس جي ميمبر جي حيثيت سان انهن هدفن کي حاصل ڪرڻ ۽ فلسطيني عوام جي مشڪلاتن جي خاتمي جي لاءِ پنهنجو تعميري ڪردار جاري رکندو: ترجمان پرڏيهي وزارت

آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ طرفان وزيراعظم محمد شهباز شريف کي ڏنل دعوت جي قبوليت ان ڳالهہ جي عڪاسي آهي تہ پاڪستان مظلوم قومن جي حق ۾ عالمي سطح تي اثرائتو آواز رکي ٿو

هو فيصلو گڏيل قومن جي سلامتي ڪائونسل جي قرارداد 2803 تحت جنگبندي، انساني تحفظ ۽ غزه جي بحاليءَ کي يقيني بڻائڻ جي عملي ڪوشش جو حصو آهي: ڊاڪٽر طارق فضل چوڌري

وقتي قدم نہ پر مستقل ۽ منصفاڻو حل ئي خطي کي پائيدار امن طرف وٺي وڃي سگهي ٿو فلسطيني عوام کي سندن خوداراديت وارو حق ملڻ گهرجي، جنهن جو گاديءَ وارو هنڌ القدس الشريف هجي

اميد آهي تہ 1967ع کان اڳ جي سرحدن جي بنياد تي القدس الشريف کي گادي وارو شهر بڻائيندي هڪ آزاد، خودمختيار ۽ جاگرافيائي طور تي لاڳولاڳ فلسطيني رياست جو قيام عمل ۾ ايندو

اسلام آباد (اي پي پي) پاڪستان غزه ۾ پائيدار امن قائم ڪرڻ جي لاءِ بورڊ آف پيس (بي او پي) ۾ شموليت جي دعوت قبول ڪري ورتي آهي آمريڪا جي صدر ڊونلڊ جي ٽرمپ وزيراعظم محمد شهباز شريف کي بي او پي ۾ شامل ٿيڻ جي دعوت ڏني هئي، ڪالهہ اربع ڏينهن پرڏيهي آفيس پاران جاري بيان موجب پاڪستان گڏيل قومن جي سلامتي ڪائونسل جي بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 2

روانگي واپار مسلسل گڏيل ڪوششن سان بهتر بڻائڻ جي ضرورت آهي: وزيراعظم

پاڪستان زراعت، صنعت، ڪاٺين جي ڪوٺائي، اي آءِ ۽ آءِ ٽي جي شعبن ۾ تيزي سان اڏار پرڻ وارو آهي

ملڪي نظام ۾ بنيادي ڍانچاجاتي سڌارا آندا ويا آهن، روينيو گڏ ڪرڻ جي نظام کي مڪمل ڊجيٽائيز ڪيو پيو وڃي

مهانگائي جي شرح 30 سيڪڙو کان گهٽ ٿي 5.5 سيڪڙو تي وڃي آهي، پاليسي ريٽ 22.5 سيڪڙو کان گهٽ ٿي 10.5 سيڪڙو تي ويو آهي

اسان ڪريڊٽ اي آءِ ۽ آءِ ٽي جي شعبي ۾ بہ تيزي سان اڳتي وڌي رهيا آهيون، گذريل ڪجهہ سالن ۾ آءِ ٽي روانگي واپار ۾ نمايان بهتري ٿي آهي

يوٽيلٽي اسٽورز تان عام ماڻهو کي غيرمعياري شيون فراهم ڪيون وينديون هيون، اهو ادارو مڪمل طور تي بند ڪيو ويو

ڊيووس (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف روانگي واپار تي ٻڌل ترقي حاصل ڪرڻ ۽ سماجي انگن اکرن کي مسلسل گڏيل ڪوششن سان بهتر بڻائڻ جي ضرورت تي زور ڏيندي چيو آهي تہ بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 2

چيف جسٽس آف پاڪستان جي صدارت هيٺ عدالتي سڌارن تي جائزي وارو اجلاس

وقت سر ۽ اثرائتي انصاف جي فراهمي آئيني فرض ئي نہ پر اخلاقي ذميواري بہ آهي: چيف جسٽس

چيف جسٽس يحيٰ آفريدي عدالتي سڌارن بابت ري فارم ايڪشن پلان تي اڳڀرائيءَ جو جائزو وٺڻ لاءِ اجلاس جي صدارت ڪئي

اداري جاتي ڪارڪردگي بهتر بڻائڻ ۽ عوامي سهولتن ۾ اضافي بابت ماهوار اڳڀرائيءَ جو تفصيلي جائزو ورتو ويو

26 آڪٽوبر 2024ع تي چيف جسٽس جو عهدو سنڀالڻ وقت موت جي سزا جي ڪيسن جو انگ 384 هو جيڪو هاڻ 107 آهي: بريفنگ

عمرقيد جا ڪيس بہ هڪ ئي وقت مقرر ڪيا پيا وڃن، عمرقيد جي ڪيسن جو انگ جيڪو 26 آڪٽوبر 2024ع تي 4160 هو

اسلام آباد (اي پي پي) چيف جسٽس آف پاڪستان جسٽس يحيٰ آفريدي شهرين کي وقت سر ۽ اثرائتي انصاف جي فراهمي جي بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 2

سڄي ملڪ ۾ سون جي قيمت ۾ 12 هزار 700 روپين جو اضافو رڪارڊ

اسلام آباد (اي پي پي)سڄي ملڪ ۾ سون بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 2

نيوزيلينڊ جي وزيراعظم پاران 7 نومبر تي چونڊون ڪرائڻ جو اعلان

ويلنگٽن (اي پي پي) نيوزيلينڊ جي بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 2

Conducted by
United Nations Office on Drugs and Crime (UNO

اسلام آباد: پاڪستان بيت المال ۽ نيڪٽا وچ ۾ ڳاهر تي صحيحون ٿي رهيون آهن

اين آءِ سي وي ڊي دنيا جو سڀ کان وڏو ادارو بڻجي ويو آهي قانوني رنڊڪون ختم ڪيون وڃن: وڏو وزير

ڪراچي ۾ نيشنل انسٽيٽيوٽ آف ڪارڊيو ويسڪولر ڊزيزز جي 84هين گورننگ باڊي جو اجلاس ٿيو

بزنس ماڊل جو جائزو وٺندڙ ڪاميٽي جي رپورٽ اچڻ بعد گهربل فنڊن جي منظوري ڏني ويندي

سڀني رڪاوٽون ختم ڪيون وڃن تہ جيئن هي ادارو بغير ڪنهن رنڊڪ عوام جي خدمت جاري رکي سگهي

ڪراچي (رپورٽ: مجيد عباسي) وڏي وزير سنڌ سيد مراد علي شاھ نيشنل انسٽيٽيوٽ آف ڪارڊيو ويسڪولر ڊزيزز (اين آءِ سي وي ڊي) جي 84هين گورننگ باڊي اجلاس جي صدارت ڪندي اداري جي مستقبل جي تحفظ ۽ حياتي بچائيندڙ خدمتن جي دائري کي وڌائڻ لاءِ ڪيترائي اهم ۽ تاريخي فيصلا ڪيا. انهن فيصلن بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 2

ناڻي وزير جي ڊيووس ۾ ڪويت جي هم منصب سان ملاقات

اقتصادي سهڪار جي مجموعي ڍانچي کي مضبوط بڻائڻ جي ضرورت تي اتفاق

ملڪ ۾ ڍانچہ جاتي سڌارن ۾ نئين رفتار آئي آهي، نجڪاري جا قدم بہ شامل آهن: ناڻي وزير

ڊيووس (اي پي پي) پاڪستان ۽ ڪويت ٻہ طرفي اقتصادي سهڪار جي مجموعي ڍانچي کي مضبوط بڻائڻ جي ضرورت تي اتفاق ڪيو ناڻي واري وزارت طرفان گذريل ڏينهن هتي جاري بيان مطابق وفاقي وزير بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 2

جنهاڻ سومرو ۾ چتن ڪتن وڌيڪ چٽن چٽن کي ڏاڙهي زخمي ڪري ڇڏيو

بلڙي شاھ ڪريم (ت ر) جنهاڻ سومرو ۾ چتن ڪتن جي ڏاھڻ وارا واقعا رڪجي نہ سگهيا جنهاڻ سومرو ۾ چتي ڪتي وڌيڪ چٽين چٽن کي ڏاڙهي زخمي ڪري وڌو آهي جڏهن تہ زخمين ۾ 5 سالن جو محمد بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 2

بدين وارڊ هڪ جي رهواسين جو صفائي نہ ٿيڻ خلاف احتجاجي مظاهرو

بدين (ڊ ر) بدين شهر جي وارڊ نمبر هڪ خاصخيلي پاڙي جي رهواسي عورتن مردن ٻارڙن بدين ميونسپل ڪميٽي جي اڳيان پاڻي جي بندش ۽ صفائي نہ ڪرائڻ خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو هن موقعي تي ياسر سيال انتہ خاصخيلي ۽ ٻين چيو تہ بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ رينجرز جي ڪاروائي، ڀتا خوري ۾ ملوث چار جوابدار گرفتار، هٿيار هٿ

گرفتار ٿيلن ۾ عبدالقادر بگٽي، معشوق علي، غلام حسين سومرو ۽ عبدالحڪيم شامل

جوابدارن ڪان 12 بور بندوق، پستول، ايموينيشن، ڪارلا کار، موٽر سائيڪل، موبائل فون ۽ روڪ رقم هٿ آئي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پاڪستان رينجرز (سنڌ) نيو ڪراچي واري علائقي ۾ ڪاروائي ڪندي ڀتہ خوري ۾ ملوث چار جوابدارن کي گرفتار ڪري ورتو آهي رينجرز موجب گرفتار ٿيل جوابدارن جا نالا بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 2

ڪراچي جي بلڊرن کي عمارتن ۾ ٽن ڏينهن اندر فائر سيفٽي لڳائڻ جو حڪم

سنڌ بلڊنگ ڪنٽرول اٿارٽي پاران نشاندهي ڪيل عمارتن بابت بلڊرن جي تنظيم کي خط لکيو ويو

ڪمشنر سميت سمورن ڊي سين چيف فائر آفيسر ۽ ضلعي ڊائريڪٽرن کي بہ ليٽر جاري

ڪراچي (بيورو رپورٽ) گل پلازه سانحي کان پوءِ سنڌ بلڊنگ ڪنٽرول اٿارٽي جاڳي پئي ڪي ايم سي فائر برگيڊ کاتي پاران شهر ۾ فائر سيفٽي آڊٽ ڪيل عمارتن ۾ سسٽم نہ لڳائڻ جي نشاندهي ايس بي سي بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 2

سرگوڌا: پنجاب پنڪ گيمز ۾ شاگرديائيون مختلف رانديون کيڏي رهيون آهن

سنڌ حڪومت ماحولياتي تحفظ ۽ ڪاربان اخراج ۾ گهٽتائي لاءِ قدم کڻي پئي: جام خان شورو

موسماتي تبديلي واري وفاقي وزير ڊاڪٽر مصدق ملڪ جي سنڌ سيڪريٽريٽ اچڻ تي صوبائي وزير آجيان ڪئي

مينگروز جي واڌاري ۽ ڪاربان ڪريڊٽ جي شعبي ۾ اثرائتا قدم ماحول جي تحفظ ۾ مددگار ثابت ٿيندا

ڪراچي (بيورو رپورٽ) موسماتي تبديلي واري وفاقي وزير ڊاڪٽر مصدق ملڪ جي سنڌ سيڪريٽريٽ اچڻ تي صوبائي وزير منصوبابندي ۽ ترقي سنڌ جام خان شورو سندس آجيان ڪئي وفاقي وزير ڊاڪٽر بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 2

سنڌ ۾ جنوري کان جون تائين 18 ميگا اسپورٽس ايونٽس منعقد ڪيا ويندا: محمد بخش مهر

اجلاس ۾ ٿر جيپ ريلي جي ٽريڪ 92 بدران 150 ڪلوميٽرن تائين وڌائڻ جي منظوري ڏني وئي

19هين سنڌ گيمز جي تياريون شروع ڪيون وڃن آهن، بجيٽ جي منظوري وڏي وزير کان ورتي ويندي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ حڪومت هن سال جنوري کان جون تائين 18 ميگا اسپورٽس ايونٽس منعقد ڪندي مارچ جي آخري هفتي ۾ ٿنگرپارڪر ۾ ٿر جيپ ريلي ڪرائي ويندي اهو فيصلو رانديون ۽ نوجوان بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 2

سنڌ حڪومت جي سڀني کاتن ۾ اي پروڪيورمينٽ سسٽم لڳائڻ لازمي قرار

ڊائرن ترميمن بابت آگاهي لاءِ کاتن جي سربراهن لاءِ ۾ خصوصي سيشن منعقد ڪيو ويو

پروڪيورمينٽ ريگيوليٽري اٿارٽي جو قيام سرڪاري خريداري جي عمل کي شفاف آهي: ضياء لنجار

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ حڪومت پوري صوبي ۾ سرڪاري خريداري جي عمل کي وڌيڪ شفاف، اثرائتو، مقابلي وارو ۽ منصفاڻو بڻائڻ لاءِ هڪ اهم قدم کڻندي سڀني کاتن ۾ اي پروڪيورمينٽ سسٽم بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 2

هالا عدالت ڪيس داخل ڪرڻ کان انڪار ڪندڙ ايس ايڇ او کي 26 جنوري تي طلب ڪري ورتو

نيوسعيدآباد (ت ر) نيو سعيدآباد پوليس عدالتي حڪم کي لتاڙي ڇڏيو پنهنجي پٽي پائين تي ڪيس داخل ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو هالا جي عدالت شهري لالا رمضان ڪاڪا تي تشدد ڪري ذليل ڪندڙ نيوسعيدآباد ٿاڻي جي اڳوڻي ايس ايڇ او انسپيڪٽر نادر علي پٽي، وڏي منشي مرسلين راجپوت سميت ڇهن پوليس عملدارن خلاف ڪيس داخل ڪرڻ جو حڪم جاري ڪيو هو ۽ نيوسعيدآباد بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: وزيراعظم جو خاص معاون هارون اختر ميڊيا سان ڳالهائي رهيو آهي

ڀارت پاڻي کي هٿيار طور استعمال ڪري رهيو آهي: گڏيل قومن ۾ پاڪستان جو موقف

ڀارت معاهدي کي معطل ڪري پاڪستان جي آبي سلامتي ۽ علائقائي استحڪام لاءِ غير معمولي بحران پيدا ڪيو

معاهدو قانوني طور تي هن قوت بہ برقرار آهي ۽ ان ۾ ڪنهن بہ قسم جي هڪ طرفي معطلي يا ترميم جي اجازت نہ ڏني وئي آهي

سنڌو درياھ مان سيرياب ٿيندڙ علائقائي انڊس روز بيسن پاڪستان جي زرعي ضرورتن لاءِ 80 سيڪڙو کان وڌيڪ پاڻي فراهم ڪري ٿو

گڏيل قومون (اي پي پي) پاڪستان عالمي سطح تي پاڻي جي ڪوٽ بابت گڏيل قومن جي اجلاس ۾ چيو آهي تہ ڀارت 1960ع جي سنڌ طاس معاهدي کي هڪ طرفي طور معطل ڪري پاڪستان جي آبي سلامتي ۽ بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 2

COMMITTED TO IMPROVING THE STATE OF THE WORLD

ڊيووس: وزيراعظم شهباز شريف ۽ آءِ ايم ايف جي مينيجنگ ڊائريڪٽر ڪرسٽالينا جارجيوا سان ورلڊ اڪانامڪ فورم جي سائيڊ لائين گڏجاڻين ۾ ملاقات ڪري رهيو آهي

وزيراعظم جي آءِ ايم ايف جي ايم ڊي ڪرسٽالينا جارجيوا سان ملاقات

معاشي بهتري، استحڪام جي ڪوشش ۽ اداراجاتي سڌارن تي اڳڀرائي کان آگاهي

آءِ ايم ايف جي ايم ڊي پاڪستان جي سڌاراجاتي ڪوششن جو اعتراف ڪيو

ڊيووس (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف ماليات نظم ۽ ضبط قائم ڪرڻ اوڳاڙيون وڌائڻ ۽ پائيدار ترقي جي لاءِ بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 2

وزيراعظم شهباز شريف سان فلسطين جي وزيراعظم جي ملاقات

فلسطين جو وزيراعظم محمد مصطفيٰ پاران وزيراعظم محمد شهباز شريف وٽ آيو

محمد مصطفيٰ فلسطين ڪاز لاءِ پاڪستان جي ڪردار تي وزيراعظم جا ٿورا مڃيا

ڊيووس (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف سان فلسطين جي وزيراعظم محمد مصطفيٰ ملاقات ڪري فلسطيني عوام جي بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 2

قومي اسيمبلي چونڊ ترميمي بل 2025ع جي منظوري ڏئي ڇڏي

بل تحت اليڪشن ايڪٽ 2017ع ۾ اهم ترميمون ڪيون ويون آهن: رپورٽ

اهم شق تحت قانوني حوالن کي وفاقي آئيني عدالت سان هم آهنگ ڪيو ويو

اسلام آباد (اي پي پي) قومي اسيمبلي چونڊ ترميمي بل 2025ع جي منظوري ڏئي ڇڏي اربع ڏينهن قومي اسيمبليءَ ۾ پيپلز بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 2

بلوچستان جي عوام جي مفادن تي ڪو سمجهوتو نہ ڪيو ويندو: سرفراز بگٽي

لڳ ڀڳ هڪ هزار ارب روپين جي ساليانی بجيٽ هڪ تلخ حقيقت جي نشاندهي آهي

سڌارن جو سفر مڪمل ناهي ٿيو، اهو عمل هر صورت ۾ اڳتي وڌندو رهندو: وزيراعليٰ بلوچستان

ڪوئيٽا (اي پي پي) بلوچستان جي وڏي وزير مير سرفراز بگٽي چيو آهي تہ بلوچستان جي عوام جي مفاد تي ڪو بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 2

لاهور: هڪ ناري روڊ ڪناري نارنگيون وڪرو ڪري رهي آهي

حڪومت سياسي مخالفن کي ذاتي دشمن نٿي سمجهي: طلال چوڌري

قيدين کي سمورا آئيني ۽ قانوني حق ڏنا پيا وڃن، هتي ڪو الڳ ورتاءُ ناهي

ناڪامي ڪانپوءِ هاڻي صرف اڊيالا جيل جي گيٽ تي سياست ڪئي پئي وڃي

اسلام آباد (اي پي پي)گهرو معاملن واري مملڪتي وزير طلال چوڌري چيو آهي تہ سمورين سياسي سرگرمين جي ناڪامي ڪانپوءِ هاڻي صرف اڊيالا جيل جي گيٽ تي سياست ڪئي پئي وڃي، حڪومت سياسي بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 2

عالم سگهورن جي درپيش مسئلن جي حل لاءِ ڪميٽي قائم

وفاقي ۽ مملڪتي گهرو وزير سان عالم سگهورن جي وفد ملاقات ڪئي

ميمبرن ۾ مفتي منيب الرحمان ۽ ٻيا عالم سگهورا ان ڪميٽي جو حصو هوندا

اسلام آباد (اي پي پي)گهرو معاملن واري وفاقي وزير محسن نقوي ۽ مملڪتي گهرو وزير طلال چوڌري سان مفتي اعظم پاڪستان مفتي منيب الرحمان جي سربراهي ۾ هڪ اعليٰ سطح جي وفد ملاقات ڪئي بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 2

پاڪستان ترقي ۽ بهتري جو صحيح رخ اختيار ڪري ورتو آهي: دانيال چوڌري

پاڪستان سڌي راھ تي هلي پيو آهي ۽ ايندڙ وقت وڌيڪ خوشحالي ڪئي ايندو

اهو ڏينهن پري نہ آهي جڏهن پاڪستان آءِ ايم ايف پروگرام کي خيرباد چوندو

راولپنڊي (اي پي پي) اطلاعات ۽ نشريات واري وفاقي پارلياماني سيڪريٽري بيرسٽر دانيال چوڌري چيو آهي تہ پاڪستان انتهائي مشڪل معاشي حالتن، منفي پروپيگنڊا ۽ ڊيواليئي جي خدشن کي پٺتي بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 2

سنڌ بلڊنگ ڪنٽرول اٿارٽي عمارت جو مڪمل رڪارڊ جمع ڪرائي ڇڏيو

ڪمشنر کي پيش ڪيل رڪارڊ ۾ تي فائلون گل پلازا سان لاڳاپيل عدالتي ڪيسن بابت آهن

جمع ڪرايل فائلن ۾ پلازا ۾ ضابطن تعمير خلاف ٿيل بابت دستاويز بہ شامل

ڪراچي: ڪراچي ۾ گل پلازا سانحي بابت اعليٰ سطحي جاچ جو عمل جاري آهي جڏهن تہ سنڌ بلڊنگ ڪنٽرول اٿارٽي (ايس بي سي اي) چار ڏينهن بعد عمارت جو مڪمل رڪارڊ جمع ڪرائي ڇڏيو آهي ذريعن موجب، ايس بي سي اي ڪراچي جي ڪمشنر کي ست فائلون پيش ڪيون آهن بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 2

حقيقي تبديلي لاءِ ضروري آوازن کي ٻڌڻ وڌيڪ اهم آهي: جيمز هيمپسن

اسان وومين آف دي ورلڊ پاڪستان جا ڏهہ سال مڪمل ٿيڻ جو جشن ملهائي رهيا آهيون

فيسٽيول ۾ عورتن، ڇوڪرين ۽ خاندانن لاءِ ثقافت، فنون، موسيقي، مڪالمن ۽ سکيا جا پروگرام پيش ٿيندا

ڪراچي (بيورو رپورٽ) برٽش ڪائونسل پاڪستان جي ڪنٽري ڊائريڪٽر جيمز هيمپسن ڪالهہ شام جو هڪ مقامي هوٽل ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي چيو تہ اسان وائو پاڪستان جي ڏهن سالن جي مڪمل ٿيڻ جو جشن ملهائي رهيا آهيون ۽ اهو ڪراچي ۾ پهرين تقريب کان شروع ٿيل هن سفر بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 2

عوام کي بنيادي سهولتون فراهم ڪرڻ سنڌ حڪومت جي ترجيح آهي: ناصر شاھ

بلديات کاتي جي صوبائي وزير سان چائنيز لنڪ زي گروپ آف ڪمپني جي وفد ملاقات ڪئي

ڪمپني پاران سسٽم ۽ زير زمين جي پاڻي کي پيئڻ لائق بڻائڻ جا پلانٽ لڳائڻ ۾ دلچسپي ظاهر

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي صوبائي وزير بلديات، هائوسنگ ۽ ٽائون پلاننگ سيد ناصر حسين شاھ سان چائنيز لنڪ زي گروپ آف ڪمپني جي وفد ملاقات ڪئي ان موقعي تي ايڊيشنل چيف سيڪريٽري، سيڪريٽري بلديات، ڊي جي ڪي ڊي اي ۽ سي اي او واٽر ڪارپوريشن پڻ موجود هئا. بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 2

لاڙڪاڻو: مقامي مدرسي جا شاگرد امتحاني پيپر حل ڪري رهيا آهن

قومي اسيمبلي جو اجلاس اڄ تائين ملتوي

اسلام آباد (اي پي پي)قومي اسيمبلي جو اجلاس خميس ڏينهن صبح جو 11 وڳي بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 2

نائب وزيراعظم سان ڊيووس ۾ فن لينڊ جي پرڏيهي وزيرايلينا والٽونن جي ملاقات، علائقائي معاملن تي ڳالهيون

ڊيووس (اي پي پي) نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار سان بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 2

پاڪستان جي انٽر بئنڪ مارڪيٽ ۾ آمريڪي ڊالر جي ڀيٽ ۾ رپئي جي قيمت ۾ واڌ رڪارڊ

اسلام آباد (اي پي پي) پاڪستان جي انٽر بئنڪ مارڪيٽ ۾ آمريڪي ڊالر جي ڀيٽ ۾ پاڪستاني رپئي جي قيمت ۾ واڌ بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 2

اسحاق ڊار جي ڊيووس ۾ ڪئناڊا جي پرڏيهي وزير انيتا آنند سان ملاقات

اسلام آباد (اي پي پي) نائب وزيراعظم ۽ بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 2

قومي اسيمبليءَ جي اسپيڪر جي اختيار ولي خان جي رهائشگاھ آمد، والده جي وفات تي تعزيت

اسلام آباد (اي پي پي) قومي اسيمبليءَ جي اسپيڪر سردار اياز صادق ڪي پي بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 2

ECONOMIC FORUM

ڊيووس: پرڏيهي وزير اسحاق ڊار فنلينڊ جي پرڏيهي وزير ايلينا والٽونين سان ملي رهيو آهي

خانپورمهر بوائز هائير سيڪنڊري اسڪول ۾ ٽيسٽ جو نتيجو پڌرو، ڪامياب شاگردن ۾ انعام تقسيم ڪيا ويا

خانپورمهر (ن ع) ، جنهن ۾ تعليمي، سماجي ۽ سرڪاري شخصيتن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي.تقريب جا مهمان خاص ڊپٽي ڪمشنر گهوٽڪي منظور احمد ڪنراڻي سماجي اڳواڻ حاجي زبردست خان مهر ۽ سي ايم او ايجوڪيشن عمران علي سيال هئا، جڏهن تہ اسڪول جي پرنسپال عبدالحنان ڪلوڙ صدارت ڪئي. تقريب کي خطاب ڪندي مهمان خاص چيو تہ ميگا ٽيسٽ جهڙيون تعليمي سرگرميون بقايا نمبر 40 ڏسو صفحو 2

ٽري ميرواھ: پ پ اڳواڻ نظر محمد ڳاهو سان پٽ جي وفات تي تعزيت جو سلسلو جاري

ٽري ميرواھ (ن- ع) پيپلزپارٽي جي اڳوڻي پوليٽيڪل سيڪريٽري نظر محمد ڳاهو سان پٽ جي وفات تي تعزيت جو سلسلو جاري اڳوڻي وزير اعلي | سنڌ سيد قائم علي شاھ جيلاني جي اڳوڻي پوليٽيڪل سيڪريٽري نظر محمد ڳاهو سان پٽ ڪائونٽ آفيسر ذوالفقار علي ڳاهو جي وفات تي ڳوٺ خان محمد ڳاهو ۾ تعزيت جو سلسلو جاري آهي جنهن ۾ ايڊوڪيٽ اختيار احمد پنهور،صحافي اطهر سهتو مظهر بقايا نمبر 41 ڏسو صفحو 2

بيجنگ: قومي اسيمبلي جو اسپيڪر سردار اياز صادق چيني ڪميونسٽ پارٽي جي اڳواڻ سان ملي رهيو آهي

ڪراچي: گل پلازه سانحي ۾ حياتيون وڃائيندڙن جي ياد ۾ ميڻ بتيون ٻاريون پيون وڃن

گل پلازه کي لڳل باھ ۾ خطرناڪ ڪيميڪل شامل هجڻ سميت اهم ڇرڪائيندڙ انڪشاف

عمارتن ۾ باهيون لڳنديون ڏٺيون آهن، پر عمارتن جا پلر ناهن ڪِرندا، پر هتي گل پلازه جا پلر بہ ڪِريا آهن: فيصل ايڌي

جيڪي لاش هٿ آيا آهن انهن جا هڏا بہ ڀُري ويا آهن عمارت کي لڳل باھ ۾ خطرناڪ ڪيميڪل استعمال ڪيو ويو آهي

عمارت جي توسيع ڪرڻ ۾ قاعدن ۽ ضابطن جي ڀڃڪڙي ڪئي وئي، بلڊرز کي بہ تحقيقات ۾ شامل ڪيو وڃي: ميڊيا سان ڳالهيون

ڪراچي (رپورٽ: مجيد عباسي) ڪراچي ۾ قيمتي انساني جانيون ڳڙڪائيندڙ گل پلازه سانحي جي حوالي سان اهم انڪشاف سامهون آيا آهن ان بابت معروف سماجي شخصيت عبدالستار ايڌي جي پٽ فيصل ايڌي معائنو گل پلازه جو دورو ڪيس ان موقعي تي هن ڳالهائيندي چيو آهي تہ گل پلازه ۾ جيڪا باھ لڳي آهي ان ۾ بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 2

گل پلازه سانحي جي متاثرين جي بحالي واري عمل کي يقيني بڻايو ويندو: گورنر

ڪراچي چيمبر آف ڪامرس اينڊ انڊسٽري جي اڳواڻن ٻيو ڀيرو گورنر سان ملاقات ڪئي

سانحي ۾ بروقت بچاءُ آپريشن ۽ اثرائتي قدمن لاءِ سنڌس ڪوششن جي تعريف ڪئي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) گورنر سنڌ ڪامران خان ٽيسوري سان ڪراچي چيمبر آف ڪامرس اينڊ انڊسٽري جي اڳواڻ جاويد بلواڻي ۽ گل پلازا جي صدر تنوير پاستا هڪ وفد سان گڏ گورنر هائوس ۾ ٻئي ڀيري ملاقات ڪئي ملاقات دوران تنوير پاستا گل پلازا سانحي ۾ بروقت بچاءُ بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 2

شهيد بينظير ڀٽو هميشہ بردباري ۽ ڊگهي نظر سان سياست ڪئي ۽ آمريت جو مقابلو ڪيو: فرحت الله بابر

شهيد راڻي پيرن ۽ فقيرن جي درگاهن تي حاضري ڏيڻ سان گڏ اوليائن ۽ بزرگن جي عزت پڻ ڪندي هئي

جلاوطني دوران بہ مسئلا هئا تہ مارشلا جو خاتمو ڪيئن آڻي سگهجي ۽ جمهوريت ڪيئن بحال ڪجي

ڪيس نائين اليون ۾ هڪ خط پڻ موڪليو ويو هو جنهن ۾ خطرناڪ نتيجا ڀوڳڻ وارا لفظ پڻ شامل هئا

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پاڪستان پيپلز پارٽي جي سينيٽر فرحت الله بابر چيو آهي تہ محترمہ شهيد بينظير ڀٽو هميشہ بردباري ۽ ڊگهي نظر سان سياست ڪئي، آمريت بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 2

BENAZIR B
She Walked into the Fire
by Farhatullah Babar
Press Conference, Karachi. 21 January 2026

ڪراچي: ليکڪ ۽ پ پ اڳواڻ فرحت الله بابر، امينہ سيد ۽ ٻيا ميڊيا سان ڳالهائي رهيا آهن

ايران مون کي قتل ڪرڻ جي ڪوشش بہ ڪئي تہ ان کي دنيا جي نقشي تان مٽائي ڇڏيندس: صدر ٽرمپ

گرين لينڊ حاصل ڪرڻ لاءِ طاقت جو استعمال نہ ڪندس، وينزويلا جهڙا ٻيا ملڪ بہ اهڙو معاهدو ڪن: آمريڪي صدر

اسان 200 سالن کان ان کي خريدڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهيون، اهو خطو آمريڪي سيڪيورٽي لاءِ ضروري آهي

يورپ ۾ ڪجهہ جايون هاڻ سڃاڻپ لائق ناهن رهيون، عوامي هجرت يورپ کي نقصان پهچايو، يورپي ملڪ سڌارن تي ڌيان ڏين

اسان ڪيترن ئي سالن تائين يورپ جي مدد ڪئي بدلي ۾ ڪجهہ نہ مليو اسان مهانگائي کي ختم ڪرڻ ۾ ڪامياب رهيا آهيون

ڊيووس (مانيٽرنگ ڊيسڪ) آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ چيو آهي تہ ايران مون کي قتل ڪرڻ جي ڪوشش بہ ڪئي تہ ان کي دنيا جي نقشي تان مٽائي ڇڏيندس، آمريڪا سڄي دنيا جي معاشي انجڻ آهي، مون کي بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 2

سڀني عمارتن ۾ ٽن ڏينهن اندر فائر سيفٽي سسٽم لڳائڻ ممڪن ناهي: آباد اڳواڻ

شهر ۾ نشاندهي ڪيل عمارتن مان ڪيترين عمارتون 30 کان 35 سال پراڻيون آهن

حڪمراني ميڪنزم ذريعي سان مسئلو حل نہ ٿيندو، وقت، وسيلن ۽ منصوبہ بندي جي ضرورت آهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ايسوسيئيشن آف بلڊرز اينڊ ڊيولپرز (آباد) جي چيئرمين محمد حسن بخشي چيو آهي تہ صرف ڪن ڏينهن اندر ڪراچي جي سڀني عمارتن ۾ فائر سيفٽي جا آلات نصب ڪرڻ عملي بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 2

ڪراچي فائر برگيڊ جو نظام انتهائي خراب حالتن جو شڪار آهي: ورڪرز اڳواڻ

شهر اندر موجود فائر برگيڊ وٽ موجود 60 فائر ٽينڊرن مان 18 خراب حالت ۾ آهن

ايمبولينس جي سخت ڪوٽ آهي، هيلپ لائين اڪثر خراب ۽ وائرليس سسٽم غيرفعال آهي: ذوالفقار شاھ

ڪراچي (بيورو رپورٽ) فائر برگيڊ شديد بحران جو شڪار اهم سهولتن ۽ عملي جي ڪوٽ ظاهر ڪراچي شهر ۾ فائر برگيڊ جو نظام انتهائي خراب حالتن جو شڪار آهي آل پاڪستان فائر اينڊ بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو 2

سنڌ ۾ فصلن جي انشورنس متعارف ڪرائڻ لاءِ ضروري قدم کنيا پيا وڃن: جام ڪمال

حڪومت صوبي ۾ زرعي بنيادن تي صنعتن جي فروغ لاءِ سرگرم قدم کڻي رهي آهي

وڏي وزير سان ملاقات ۾ زراعت، لائيو اسٽاڪ، انشورنس ۽ ماربل سٽي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاھ واپار واري وفاقي وزير جام ڪمال خان سان ملاقات ڪئي جنهن دوران زراعت، لائيو اسٽاڪ، انشورنس ۽ ماربل سٽي منصوبن سميت اهم شعبن جي بقايا نمبر 39 ڏسو صفحو 2

حيدرآباد: مقامي اسڪول ۾ ٻارڙيون راندين ۾ حصو وٺي رهيون آهن

سنڌ حڪومت پاران نادر جمالي قتل ڪيس ۾ عدالتي ڪميشن جوڙڻ جو اعلان

گهرو کاتي طرفان سنڌ هاءِ ڪورٽ جي رجسٽرار کي جوڊيشل ڪميشن جوڙڻ لاءِ خط لکيو ويو

مقتول جي وارثن ۽ سڄاڻ ڌرين پاران جوڊيشل ڪميشن جي قيام کي درست قدم قرار ڏنو ويو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ حڪومت پاران نادر خان جمالي قتل ڪيس ۾ جوڊيشل ڪميشن جو اعلان سنڌ حڪومت دادو ۾ پوليس هٿان ماريل نوجوان نادر خان جمالي جي ڪيس جي جاچ لاءِ جوڊيشل ڪميشن جوڙڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو آهي ان حوالي سان سنڌ جي گهرو کاتي طرفان سنڌ هاءِ بقايا نمبر 42 ڏسو صفحو 2

پ پ اڳواڻ نظر محمد ڳاهو جي پٽ ذوالفقار علي جي ٽيجهي جون رسمون

تقريب ۾ مرحوم ٽي ايم او جي پٽ زوار جونيئر مريد عباس ڳاهو کي پڳ ٻڌرائي وئي

سياسي سماجي شخصيتن، اديبن، شاعرن ۽ صحافين پڳ ڪي ور ڏنا، ايصال ثواب جي لاءِ قرآن خواني

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پيپلز پارٽي جي فيڊرل ڪائونسل جي ميمبر ۽ وڏي وزير جو اڳوڻو سياسي صلاحڪار نظر محمد ڳاهو جي پٽ ٽي ايم او ذوالفقار علي ڳاهو جو ٽيجهي جون رسمون سندس اباڻي ڳوٺ زوار خان محمد ڳاهو ۾ ٿي گذريون پڳ جي رسم مرحوم ذوالفقار علي ڳاهو جي پٽ زوار بقايا نمبر 43 ڏسو صفحو 2

پاڪستان ۽ ايشيائي ترقياتي بئنڪ جا لاڳاپا نئين اسٽريٽجڪ مرحلي ۾ داخل ٿي چڪا آهن: ناڻي وزير

ناڻي وزير جي ايشيائي ترقياتي بئنڪ جي صدر سان ملاقات ۾ پاڪستان ۾ جاري اقتصادي سڌارن جو جائزو ورتو ويو

توانائي جي نظام ۾ بهتري، ڪارڪردگي ۾ اضافو ۽ ڊگهي مدي واري معاشي استحڪام لاءِ سڌارن جا قدم جاري آهن: محمد اورنگزيب

گذريل هڪ سال کان پاڪستان ۾ مجموعي معاشي استحڪام طرف نمايان اڳڀرائي ٿي آهي جنهن جو سلسلو جاري آهي

ڊيووس (اي پي پي) ناڻي ۽ محصول واري وفاقي وزير محمد اورنگزيب چيو آهي تہ پاڪستان ۽ ايشيائي ترقياتي بئنڪ جا لاڳاپا هاڻي نئين ۽ وڌيڪ اسٽريٽجڪ مرحلي ۾ داخل ٿي چڪا آهن توانائي جي بقايا نمبر 44 ڏسو صفحو 2

بقايا 1 دعوت قبولي ورتي

قرارداد 2803 جي فريم ورڪ تحت غزه امن منصوبي تي عملدرآمد جي حمايت جي لاءِ بورڊ آف پيس ۾ شموليت اختيار ڪرڻ جو اعلان ڪندي ان اميد جو اظهار ڪيو آهي ته ان جي قيام سان غزه ۾ مستقل جنگبندي جي لاڳو فلسطيني عوام جي لاءِ انساني امداد ۾ خاطرخواهه اضافي ۽ علائقي جي نئين سر تعمير جي لاءِ عملي قدم ممڪن ٿي سگهندا پاڪستان ان ڳالهه جو پڻ خواهشمند آهي ته اهي ڪوششون فلسطيني عوام جي خودمختياري جو حق جيڪو عالمي اصولن ۽ گڏيل قومن جي لاڳاپيل قراردادن سان هم آهنگ هڪ قابل اعتماد ۽ مقرر مدي جي سياسي عمل جي ذريعي ممڪن ٿيندو کي حاصل ڪرڻ ۾ مددگار ثابت ٿيندي بيان ۾ چيو ويو آهي ته ان عمل جي نتيجي ۾ 1967ع کان اڳ جي سرحدن جي بنياد تي القدس الشريف کي گادي وارو شهر بڻائيندي هڪ آزاد، خودمختيار ۽ جاگرافيائي طور تي لڳولڳ فلسطيني رياست جو قيام عمل ۾ ايندو بيان ۾ چيو ويو آهي ته پاڪستان بورڊ آف پيس جي ميمبر جي حيثي سان انهن هدفن کي حاصل ڪرڻ ۽ فلسطيني عوام جي مشڪلاتن جي خاتمي جي لاءِ پنهنجو تعميري ڪردار جاري رکندو ٻئي طرف پارلياماني معاملن واري وفاقي وزير ڊاڪٽر طارق فضل چوڌري چيو آهي ته پاڪستان هڪ مضبوط ۽ واضح سفارتي مؤقف سان غزه ۾ امن جي قيام لاءِ قائم بورڊ آف پيس ۾ شموليت جو اعلان ڪري ڇڏيو آهي. آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ طرفان وزيراعظم محمد شهباز شريف کي ڏنل دعوت جي قبوليت ان ڳالهه جي عڪاسي آهي ته پاڪستان مظلوم قومن جي حق ۾ عالمي سطح تي اثرائتو آواز رکي ٿو اربع ڏينهن ايڪس تي پنهنجي هڪ بيان ۾ هن چيو ته پرڏيهي وزارت مطابق اهو فيصلو گڏيل قومن جي سلامتي ڪائونسل جي قرارداد 2803 تحت جنگبندي، انساني تحفظ ۽ غزه جي بحاليءَ کي يقيني بڻائڻ جي عملي ڪوشش جو حصو آهي پاڪستان واضح طور تي سمجهي ٿو ته وقتي قدم نه پر مستقل ۽ منصفاڻو حل ئي خطي کي پائيدار امن طرف وٺي وڃي سگهي ٿو هن چيو ته اسلام آباد هڪ ڀيرو ٻيهر ان اصولي مؤقف جو ورجاءُ ڪيو آهي ته فلسطيني عوام کي سندن خوداراديت وارو حق ملڻ گهرجي ۽ 1967ع کان اڳ جي سرحدن تي قائم آزاد، خودمختيار فلسطيني رياست جنهن جو گاديءَ وارو هنڌ القدس الشريف هجي ئي امن جي واحد ضمانت آهي.

بقايا 2 وزيراعظم

پاڪستان زراعت، صنعت، ڪاڻين جي کوٽائي، اي آءِ ۽ آءِ ٽي جي شعبن ۾ تيزي سان اڏار پرڻ وارو آهي، حڪومت مڪمل شفافيت سان اڳتي وڌي رهي آهي، سياسي قيادت ۽ عسڪري قيادت جي وچ ۾ مڪمل هم آهنگي آهي، ملڪي نظام ۾ بنيادي ڍانچاجاتي سڌارا آندا ويا آهن، روينيو گڏ ڪرڻ جي نظام کي مڪمل ڊيجيٽائيز ڪيو پيو وڃي، مهانگائي جي شرح 30 سيڪڙو کان گهٽ ٿي 5.5 سيڪڙو تي وٺي آهي پاليسي ريٽ 22.5 سيڪڙو کان گهٽ ٿي 10.5 سيڪڙو ٿي ويو آهي، جي ڊي پي جي تناسب سان ٽيڪس وصولي جي شرح 10.5 سيڪڙو ٿي وئي آهي، چين سان اسان جا مضبوط معاشي رابطا آهن هاڻي اسان آمريڪا سان لاڳاپا قائم ڪيا آهن ڪاڻين جي کوٽائي ۽ معدنيات جي شعبي جي ترقي جي لاءِ آمريڪي ۽ چيني ڪمپنين سان معاهدن ۽ مفاهمتي يادداشتن تي صحيحون ڪيون آهن. گڏيل ڪجهه سالن ۾ آءِ ٽي روانگي واپار ۾ نمايان بهتري ٿي آهي نوجوان نسل کي فني ۽ پيشيوارانه تربيت جي ذريعي بااختيار بڻائڻ جي لاءِ ڪيترائي پروگرام شروع ڪيا آهن پي آءِ اي جي شفاف نجڪاري ڪانپوءِ بين ادارن جي نجڪاري طرف وڌي رهيا آهيون بي لوث قربانين اڻٿڪ محنت ۽ فڪر ۽ عمل جي وحدت سان ملڪ جي خدمت جي لاءِ پرعزم رهياسين ته تمام جلد پنهنجي منزل تائين پهچي ويندا سين هن اهڙن خيالن جو اظهار ڪالهه اربع ڏينهن عالمي اقتصادي فورم جي 56هين ساليانی اجلاس جي موقعي تي پاڪستان پويلين ۾ پاڪستان بريڪ فاسٽ جي تقريب کي خطاب ڪندي ڪيو وزيراعظم چيو ته هتي موجودگي واقعي تمام وڏو اعزاز ۽ خوشي جي ڳالهه آهي، پاڪستان هاڻي ڪاميابي جي احساس ۽ هڪ مقصد سان اڳتي وڌي رهيو آهي، اسان جا وڏا معاشي انگ اکر تمام گهڻا اطمينان جوڳا آهن، مهانگائي جي شرح 30 سيڪڙوڪ ان گهٽ ٿي 5.5 سيڪڙو تي وٺي آهي، اسان جو پاليسي ريٽ انتهائي بلند سطح 22.5 سيڪڙو کان گهٽ ٿي 10.5 سيڪڙو ٿي ويو آهي، اسان جو آءِ ٽي روانگي واپار اطمينان جوڳي رفتار سان وڌي رهيو آهي جيڪڏهن اسان جو مجموعي روانگي واپار مختلف قسم جي چئلينجز کي منهن ڏيندو رهيو آهي ۽ يقيني طور تي اسان جي سماجي انگن اکرن کي گڏيل ڪوششن سان بهتر بڻائڻ جي ضرورت آهي تنهن هوندي به اڳتي وڌڻ جو رستو بلڪل واضح آهي، پاڪستان کي روانگي واپار تي ٻڌل ترقي حاصل ڪرڻي پوندي، اسان پنهنجي نظام ۾ بنيادي ڍانچاجاتي تبديليون آنديون آهن، روينيو گڏ ڪرڻ جي نظام ۾ بنيادي تبديليون ڪيون آهن ۽ هاڻي ان کي مڪمل ڊيجيٽائيز ڪيو پيو وڃي، جي ڊي پي جي تناسب سان ٽيڪس وصولي جي شرح 10.5 سيڪڙو آهي جيڪا ڪجهه سال اڳ 9 سيڪڙو هئي، اها هڪ اهم ڪاميابي آهي، گذريل سال اسان جو زرعي روانگي واپار تمام گهڻو اطمينان جوڳو رهيو آهي، هاڻي اسان ڪاڻين جي کوٽائي ۽ معدنيات جي ڪاروبار ۾ وڏي پئماني تي داخل ٿي چڪا آهيون اسان آمريڪي ڪمپنين ۽ چيني ڪمپنين سان معاهدا ڪيا ۽ مفاهمتي يادداشتن تي صحيحون ڪيون آهن، پاڪستان کي الله تعاليٰ لامحدود قدرتي وسيلن سان نوازيو آهي، اهي قدرتي وسيلا هاڻي به پاڪستان جي اترئين جبلن گلگت بلتستان آزاد ڪشمير خيبرپختونخواهه ۽ بلوچستان ۾ دفن آهن هاڻي اسان تيز رفتاري سان اڳتي وڌڻ جو فيصلو ڪيو آهي وزيراعظم چيو ته اسان ڪرپٽو اي آءِ ۽ آءِ ٽي جي شعبي ۾ به تيزي سان اڳتي وڌي رهيا آهيون گذريل ڪجهه سالن ۾ آءِ ٽي روانگي واپار ۾ نمايان بهتري ٿي آهي، ان ڏس ۾ اسان ڪيترائي جديد اوزار آندا آهن جن آءِ ٽي روانگي واپار کي آسان بڻايو آهي ۽ اسان جو آءِ ٽي روانگي واپار باضابطا طور تي ساليانو 3 ارب ڊالر تائين پهچي چڪو آهي، وزيراعظم چيو ته اسان جي نوجوانن جو وڏو انگ هڪ چئلينج سان گڏوگڏ اسان جي لاءِ هڪ وڏو موقعو به آهي، پاڪستان حڪومت صوبائي حڪومتن سان گڏجي نوجوان نسل کي فني ۽ پيشيوارانه تربيت جي ذريعي بااختيار بڻائڻ جي لاءِ ڪيترائي پروگرام شروع ڪيا آهن، نيوٽيڪ وفاقي سطح جو هڪ ادارو آهي جيڪو اسان جي نوجوان نسل کي جديد تربيت فراهم ڪري ٿو اهو تربيتي پروگرام غيرجانبدار ادارن کان باقاعده تصديق ٿيل آهي ۽ عالمي طور تي سرٽيفائيڊ پڻ آهي، ان جي نتيجي ۾ اسان جي نوجوان نسل نه ملڪن ۽ دنيا جي بين حصن ۾ بهترين نوڪريون حاصل ڪري رهي آهي جو ته اهي انتهائي قابليت رکندڙ ۽ بهترين تربيت يافته آهن ۽ پنهنجي شعبي جي عالمي ڪمپنين کان سرٽيفائيڊ پڻ آهن هن چيو ته چين سان اسان جا مضبوط معاشي رابطا آهن ۽ هاڻي اسان آمريڪا سان لاڳاپا قائم ڪيا آهن ڪاڻين جي کوٽائي ۽ معدنيات جي شعبي ۾ وڏي پئماني تي تعاون جي اميد آهي، وزيراعظم چيو ته دهشتگردي جو مقابلو ڪرڻ جڏهن ته آءِ ٽي ۽ اي آءِ ۾ اسان هڪ ٻئي سان وڏي پئماني تي تعاون ڪنداسين وزيراعظم چيو ته پاڪستان اهڙي مقام تي بيٺل آهي، جتي اسان زراعت، صنعت، ڪاڻين جي کوٽائي، اي آءِ ۽ آءِ ٽي ۾ تيزي سان اڏار پرڻ وارا آهيون اسان جو مستقبل تمام اميد جوڳو آهي، مون کي ان ۾ ڪو شڪ نه آهي وزيراعظم چيو ته انهن ماڻهن جي لاءِ جيڪي پاڪستان جي طاقت تي يقين رکن ٿا، انهن کي ٻڌائڻ چاهيان ٿو ته هي حڪومت مڪمل شفافيت سان اڳتي وڌي رهي آهي مثال جي طور تي هينئر اسان پاڪستان انٽرنيشنل ايئرلائينز جي نجڪاري ڪئي آهي جيڪو هڪ قومي اثاثو آهي بدقسمتي سان گذريل ڪجهه ڏهاڪن کان ان کي مسلسل خسارو درپيش هو ۽ هاڻي ان کي پاڪستان جي نجي شعبي جي ذريعي اڳتي وڌايو ويو آهي، اها نجڪاري مڪمل طور تي شفاف هئي ۽ نجڪاري جي هر رخ کي پوري دنيا ۾ سڌوسنئون ڏيکاريو ويو اهڙي طرح پوري قوم ڀيرون ڀيرو پنهنجي اکين سان ڏٺو ته اها ڏيتي ليتي ڪيتري قدر شفاف هئي ۽ ان جي شفافيت تي ذري برابر به ڪو سوال يا اعتراض سامهون نه آيو منهنجو خيال آهي اها ئي اسان جي سڃاڻپ آهي هاڻي اسان نجڪاري جي بين ادارن ۾ به اڳتي وڌي رهيا آهيون جن ۾ هوائي اڏن جي آئوٽ سورسنگ، بجلي جي شعبي جي نجڪاري، وچ ڪنڊڙ ڪمپنين پهچ لائينون وغيره شامل آهن جڏهن ته اها ڳالهه به صحيح آهي ته انتهائي سخت آءِ ايم ايف پروگرام جي نتيجي ۾ جنهن تي اسان مڪمل ۽ پوري ديانتداري سان عمل ڪيو آهي، آءِ ايم ايف هاڻي هنن ڏينهن ۾ خاصي احتياط سان پاڪستان جي ڪاميابي جي مثال کي بين ملڪن جي لاءِ هڪ مثال طور پيش ڪري رهيو آهي وزيراعظم چيو ته هاڻي اسان کي ترقي طرف وڌڻو آهي وزيراعظم چيو ته يوٽيلٽي اسٽورز دان عام ماڻهو کي غيرمعياري شيون فراهم ڪيون وينديون هيون اهو ادارو مڪمل طور تي بند ڪيو ويو

بقايا 3 چيف جسٽس

ويزن تحت سپريم ڪورٽ آف پاڪستان ۾ عدالتي سڌارن جي حوالي سان ري فارم ايڪشن پلان تي اڳڀرائيءَ جو جائزو وٺڻ لاءِ نائين انتظاميڪو اجلاس جي صدارت ڪئي سپريم ڪورٽ جي سڌ سماءَ واري شعبي جي جاري ڪيل پڌرائيءَ مطابق اجلاس ۾ عدالتي نظام کي جديد رُخن تي آڻڻ اداري جاتي ڪارڪردگي بهتر بڻائڻ ۽ عوامي سهولتن ۾ اضافي بابت ماهوار اڳڀرائيءَ جو تفصيلي جائزو ورتو اجلاس ۾ سپريم ڪورٽ بار ايسوسيئيشن جي صدر ۽ سيڪريٽري، رجسٽرار سپريم ڪورٽ، آءِ ٽي ايڊوائيزر همايون ظفر فيڊرل جوڊيشل اڪيڊمي جي ڊائريڪٽر جنرل ۽ لا اينڊ جسٽس ڪميشن آف پاڪستان جي سيڪريٽري شرڪت ڪئي اجلاس دوران ڪيسن جا جلد فيصلا ڪيس ڪيٽيگرائيزيشن عدالتي رڪارڊ جي ڊجيٽلائيزيشن آءِ ٽي ضم ٿيڻ مالي وصولين ۽ خرچن جي ڊجيٽل نگراني آڊٽ نظام ۽ عوامي سهولت جي قدمن تي اڳڀرائيءَ جو جائزو ورتو ويو اجلاس کي آٽوميشن سافٽ ويئر ۾ بهتري، ڪيو آر ڪوڊ واري تصديق ٿيل ڪاپي اي ڪورٽس، ڊيٽا مئنجمينٽ ۽ اينالِٽِڪس جي تربيت، اي ڊي آر ۽ مصالحتي پروگرامن بابت به آگاهه ڪيو ويو چيف جسٽس کي ٻڌايو ويو ته اي فائلنگ ۽ تصديق ٿيل ڪاپي جي جاري ٿيڻ بابت ڪم مڪمل ٿي چڪو آهي جڏهن ته ڪيس ڪيٽيگرائزيشن اينڊڙ ٻن مهينن ۾ مڪمل ٿيڻ جي اميد آهي فائلن جي نگرانيءَ لاءِ بار ڪوڊنگ سسٽم 15 ڏينهن اندر مڪمل ڪيو ويندو اجلاس ۾ جيل پٽيشنز ۽ موت جي سزا جي اپيلن جي صورتحال جو خاص طور جائزو ورتو ويو ٻڌايو ويو ته 26 آڪٽوبر 2024ع تي چيف جسٽس پاڪستان جو عهدو سنڀالڻ وقت موت جي سزا جي ڪيسن جو انگ 384 هو جيڪو هاڻي 107 آهي ان دوران 172 نوان ڪيس داخل ٿيا جڏهن ته 449 ڪيس اُڪلايا ويا اجلاس کي آگاهه ڪيو ويو ته عمرقيد جا ڪيس به هڪ ئي وقت مقرر ڪيا پيا وڃن عمرقيد جي ڪيسن جو انگ جيڪو 26 آڪٽوبر 2024ع تي 4160 هو اهو گهٽ ٿي 3608 ٿي ويو آهي موت جي سزا جي اپيلن جي فيصلي کان پوءِ بينچز عمرقيد جي ڪيسن جي ٻڌڻي شروع ڪنديون جن جي شيڊول ۽ انگن جو تعين بعد ۾ ڪيو ويندو اهو به طئي ڪيو ويو ته 80 سال يا ان کان وڌيڪ عمر جي قيدين جي جيل پٽيشنن ثبوت جي بنياد تي بنا جلد ٻڌڻيءَ جي درخواست جي ترجيحي بنيادن تي مقرر ڪيون وينديون ڊي لسٽنگ بابت ٻڌايو ويو ته عام طور تي ڪيس جي تاريخ کان گهٽ ۾ گهٽ 48 ڪلاڪ اڳ اطلاع ڏنو ويندو

بقايا 4 سون قيمت

جي قيمت ۾ 12 هزار 700 روپين جي اضافي سان في تولو سون 5 لک 6 هزار 362 روپين جو ٿي ويو آهي آل پاڪستان جيمز اينڊ جيولرز ايسوسيئيشن موجب گذريل ڏينهن سون جي في تولو قيمت ۾ 12هزار 700 روپين جي اضافي ڪانپوءِ في تولو سون 5 لک 6 هزار 362 روپين جو ٿي ويو آهي 24 قيراط سون جي 10 گرام جي قيمت به 10 هزار 888 روپين جي اضافي ڪانپوءِ 4 لک 23 هزار 235 روپين مان وڌي 4 لک 34 هزار 123 روپيا ٿي وئي جڏهن ته 10 گرام 22 قيراط سون جي قيمت 3 لک 87 هزار 979 روپين مان وڌي 3 لک 97 هزار 960 روپيا ٿي وئي آل سنڌ صراف جيولرز ايسوسيئيشن رپورٽ ڪيو ته في تولو چاندي جي قيمت 64 روپين جي اضافي ڪانپوءِ 9 هزار 933 روپيا ۽ 10 گرام چاندي جي قيمت 54 روپين جي اضافي ڪانپوءِ 8 هزار 515 روپيا ٿي وئي ايسوسيئيشن رپورٽ ڪيو آهي ته عالمي مارڪيٽ ۾ سون جي قيمت 4 هزار 713 ڊالرن مان وڌي 4 هزار 840 ڊالر ٿي وئي آهي

بقايا 5 اعلان

وزيراعظم ڪرسٽو فرلڪسن7 نومبر تي چونڊون ڪرائڻ جو اعلان ڪيو آهي، پرڏيهي ميڊيا موجب گذريل ڏينهن هن عام چونڊون منعقد ڪرائڻ جي تاريخ جو اعلان ڪرڻ جي موقعي تي صحافين سان ڳالهائيندي معيشت ۽ ڏوهن جي روڪ ٿام جي حوالي سان پنهنجي حڪومت جي ڪارڪردگي کي اجاگر ڪيو هن چيو ته چونڊن جي تاريخ مقرر ڪرڻ ۾ ملڪ جي اسپورٽس شيڊول پڻ ڪردار ادا ڪيو آهي چاڪاڻ ته اها تاريخ ان وقت جي هڪ مهيني ڪانپوءِ ايندي جڏهن آل بليڪس پنهنجي سر زمين تي آسٽريليا خلاف ميچ کيڏندا هن عزم ظاهر ڪيو ته سندس حڪومت بنيادي مسئلن کي حل ڪرڻ لاءِ پنهنجن منصوبن تي عمل درآمد ڪندي هن چيو ته جڏهن اسان اقتدار سنڀاليو هو ته ملڪ ۾ ڪيترائي ئي مسئلا درپيش هئا جن کي حل ڪرڻ لاءِ تمام گهڻي محنت ڪرڻي پئي هن چيو ته معيشت ۾ بهتري اچي رهي آهي ڪاروباري ۽ صارفين جي اعتماد ۾ تيزي سان اضافو ٿي رهيو آهي.

بقايا 6 وڏو وزير

۾ قانوني معاملن جي بحالي بجيٽ ۾ واڌ ۽ انفراسٽرڪچر جي ترقي تي خاص ڌيان ڏنو ويو وزيراعليٰ هائوس ۾ ٿيل اجلاس ۾ صحت واري وزير ڊاڪٽر عذرا فضل پيچوهو ميئر ڪراچي مرتضيٰ وهاب، ايم پي ايز رخسانہ پروين ۽ سعديه جاويد، پرنسپل سيڪريٽري آغا واصف، ناڻي وارو سيڪريٽري فياض جتوئي صحت وارو سيڪريٽري ريحان بلوچ، ايگزيڪيوٽو ڊائريڪٽر اين آءِ سي وي ڊي پروفيسر طاهر صغير، مشتاق چاپڙا سميت ٻين شرڪت ڪئي وڏي وزير اجلاس ۾ فيصلو ڪيو ته سڀئي قانوني رنڊڪون ختم ڪيون وڃن ته جيئن هي عالمي معيار جو ادارو بغير ڪنهن رنڊڪ جي عوام جي خدمت جاري رکي سگهي اداري جي انتظامي معاملن کي وڌيڪ پيشه ورانه بڻائڻ لاءِ گورننگ باڊي اصولي طور تي فل ٽائيم چيف آپريٽنگ آفيسر (COO)۽ چيف فنانشل آفيسر (CFO)جي ڀرتي جي منظوري ڏني، جيڪا اوپن مارڪيٽ ۾ مقابلي واري عمل ذريعي ڪئي ويندي. وڏي وزير صحت کاتي کي هدايت ڪئي ته ڀرتي کان اڳ ضابطا ۽ قاعدا طئي ڪيا وڃن گورننگ باڊي آگاهه ڪيو ويو ته مالي سال 2025-26ع دوران آپريشنل خرچن کي پورو ڪرڻ لاءِ فوري طور 3.5 ارب روپين جي اضافي گرانٽ جي ضرورت آهي اجلاس ۾ ٻڌايو ويو ته وڏي وزير اڳ ۾ ئي 10 ارب روپين جي منظوري ڏئي چڪو آهي، پر انتظامي ۽ سروس خرچن ۾ واڌ سبب اداري کي مجموعي طور لڳ ڀڳ 4.6 ارب روپين جي مالي خساري کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي وڏي وزير ناڻي واري سيڪريٽري فياض جتوئي جي سربراهيءَ ۾ هڪ ڪاميٽي قائم ڪئي، جيڪا اين آءِ سي وي ڊي جي بزنس ماڊل جو جائزو وٺي سڌارا تجويز ڪندي وڏي وزير يقين ڏياريو ته ڪاميٽي جي رپورٽ اچڻ بعد گهربل فنڊن جي منظوري ڏئي جاري ڪيا ويندا ايگزيڪيوٽو ڊائريڪٽر پروفيسر طاهر صغير 2025ع دوران اين آءِ سي وي ڊي جي شاندار ڪاميابين بابت تفصيلي بريفنگ ڏني هن ٻڌايو ته اين آءِ سي وي ڊي ڪراچي 2024ع ۾ 9، 925 پرائمري اينجيو پلاسٽيز ڪيون جنهن سان هي ادارو دنيا جو سڀ کان وڏو مرڪز بڻجي ويو اداري 200 کان وڌيڪ ٽرانس ڪيٿيٽر ايورٽڪ والو امپلانٽيشن (TAVI) آپريشن مفت ڪيا، جيڪي خانگي اسپتالن ۾ اٽڪل 40 لک روپيا في آپريشن خرچ ٿين ٿا اين آءِ سي وي ڊي ڀيرون ڀيرو بلوچستان ۾ ٻارن جي دل جي علاج جون سهولتون فراهم ڪيون

بقايا 7 زخمي

عمر سومرو ۽ هڪ مستاني نياڻي ڏوليخان سومرو سميت ٻيا معصوم ٻارڙا شامل آهن جڏهن ته زخمين کي رورل هيلٿ سينٽر مان طبي امداد ۽ ويڪسين ڪرڻ بعد حيدرآباد ريفر ڪيا ويا آهن. حيدرآباد سيول اسپتال ۾ کين وڌيڪ طبي امداد ڏني . جڏهن ته انتظاميا چِتي ڪٽي کي مارڻ ۾ ناڪام ٿي وئي آهي رهواسي چِتي ڪٽي جي خوف ۾ ورتجي ويا آهن ڳوٺاڻن پاران نااهل انتظاميا خلاف سخت قانوني ڪاروائي ڪرڻ جو مطالبو ڪيو آهي

بقايا 8 مظاهرو

خاصخيلي پاڙي ۾ بدين جي بن واٽر سپلايين جا ڪنيڪشن هجڻ باوجود رهواسي پيئڻ جي پاڻي کان محروم اهن هنن چيو تي گذريل ٻن هفتن کان صفائي به نٿي ٿئي هن موقعي تي فوڪل پرسن عبدالڪريم گدو اڊيجو موقعي تي پهچي احتجاج ڪندڙ رهواسين سان ڳالهيون ڪري پاڻي پهچائي صفائي ڪرائڻ جي خاطري ڪرائي احتجاج کي ختم ڪرايو رهواسين چيو ته 24 ڪلاڪن ۾ مسئلو حل نه ٿيو ته هو ٻيهر احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هڻي سخت احتجاج ڪندا.

بقايا 9 ملاقات

سينيٽر محمد اورنگزيب ڊيووس ۾ عالمي اقتصادي فورم جي ساليانی اجلاس جي موقعي تي ڪويت جي ناڻي واري وزير صبيح عبدالعزيز المخيزيم سان ملاقات ڪئي. ملاقات ۾ پاڪستان جي معاشي صورتحال ۽ پاڪستان ۽ ڪويت وچ ۾ اقتصادي ۽ سيڙپڪاري سهڪار کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ جي امڪانن تي ڳالهيون ڪيون ڪويت جي ناڻي واري وزير پاڪستان جي معاشي صلاحيت تي اعتماد جو اظهار ڪيو ۽ پاڪستان ۽ ان جي عوام لاءِ ڪويت جي قدر ۽ احترام کي اجاگر ڪيو هن چيو ته ڪويت روايتي مارڪيٽن کان هٽي ڪري نوان سيڙپڪاري موقعا ڳولي رهيو آهي ۽ پاڪستان کي هڪ پُرڪشش ملڪ سمجهي ٿو جتي افرادي قوت، وڌندڙ مارڪيٽ ۽ نوان موقعا موجود آهن. هن ڊگهي مُدي واري ۽ پائيداريءَ تي ٻڌل سيڙپڪاريءَ جي ڪويت جي ماڊل تي به روشني وڌي وفاقي وزير پنهنجي ڪويت جي هم منصب کي پاڪستان جي بهتر ٿيندڙ معاشي صورتحال کان آگاهه ڪيو ۽ ٻڌايو ته معيشت استحڪام طرف وڌي رهي آهي ۽ اهم معاشي انگن اکرن ۾ نمايان بهتري آئي آهي هن چيو ته حڪومت جو ڌيان هاڻي پائيدار ۽ جامع ترقيءَ تي آهي ته جيئن ماضيءَ جي معاشي لاهن چاڙهن کان بچي سگهجي وفاقي وزير پرڏيهي ڪاتن ۾ بهتري، پرڏيهه مان اماڻيل ناڻي ۾ اضافو آءِ ٽي روانگي واپار ۾ اوسر ۽ سيڙپڪارن جي وڌندڙ اعتماد کي هاڪاري اڳڀرائي قرار ڏنو هن ٻڌايو ته ملڪ ۾ ڍانچه جاتي سڌارن ۾ نئين رفتار آئي آهي.

بقايا 10 هٿيار هٿ

عبدالقادر ٻگٽي ولد اسرار احمد، معشوق علي ولد محمد صالح، غلام حسين ولد علي حسين سومرو ۽ عبدالحڪيم ولد حامد بخش شامل آهن رينجرز عملدارن جوابدارن جي قبضي مان هڪ عدد 12 بور بندوق، هڪ عدد 9 ايم ايم پسٽول، ايمونيشن، هڪ ڪرولا ڪار، هڪ موٽر سائيڪل، ٽي موبائل فون ۽ نقد رقم به برآمد ڪئي آهي رينجرز هيلپ لائين 1101 تي نيو ڪراچي ۾ قائم هڪ نجي گارمينٽس فيڪٽري جي مالڪ طرفان شڪايت موصول ٿي جنهن ۾ ٻڌايو ويو ته چار هٿياربند ماڻهو فيڪٽري ۾ زبردستي داخل ٿي 15 لک روپيا ڀتو طلب ڪري رهيا آهن. اطلاع ملندي ئي پاڪستان رينجرز (سنڌ) بروقت ڪارروائي ڪندي فيڪٽري کي گهيري ۾ آڻي چارئي هٿيارٿبند ڀتو خورن کي رنگي هٿ گرفتار ڪري ورتو

بقايا 11 حڪم

اي نشاندهي ڪيل عمارتن بابت بلڊرن جي تنظيم آباد کي خط ڏن ڏينهن اندر نشاندهي ڪيل عمارتن ۾ سسٽم لڳائڻ جو حڪم ايس بي سي اي ڪمشنر ڪراچي، سمورن ڊي سين چيف فائر آفيسر ۽ ضلعي ڊائريڪٽرن کي به جاچ ۾ شراڪت ڪندي خط موڪلي ڇڏيا.

بقايا 12 جام خان شورو

مصدق ملڪ ۽ صوبائي وزير جام خان شورو جي گڏيل صدارت هيٺ ڪاربان اخراج ۾ گهٽتائي ٽرانسفارمنگ ڪاربان فنانس ۽ پاڪ فلو منصوبي بابت هڪ اهم اجلاس منعقد ٿيو اجلاس ۾ چيئرمين منصوبابندي نجم احمد شاهه ورلڊ بينڪ جي نمائندن ماحوليات کاتي ۽ ٻين لاڳاپيل عملدارن شرڪت ڪئي اجلاس دوران سنڌ ۾ جاري مختلف ماحولياتي منصوبن تي تفصيلي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي وفاقي وزير ڊاڪٽر مصدق ملڪ چيو ته سنڌ حڪومت ماحولياتي منصوبن خاص طور تي مينگروز جي واڌاري ۽ ڪاربان ڪريڊٽ جي شعبي ۾ اثرائتا ۽ ساراهه جوڳا قدم کڻي رهي آهي

بقايا 13 طلب ڪري ورتو

پوليس ڪيس داخل نه ڪيو جنهن بعد پٽيشنر گل ڪاڪا ٻيهر ايڊيشنل سيشن جج هالا جي عدالت پهچي درخواست داخل ڪرائيندي موقف اختيار ڪيو ته نيوسعيدآباد پوليس پٽي پاڻين جي ونڪار رهندي ڪيس داخل ڪرڻ کان انڪار ڪيو آهي جنهن تي ايڊيشنل سيشن جج هالا جي عدالت نوٽيس جاري ڪندي نيوسعيدآباد پوليس جي ايس ايچ او کي 26 جنوري تي طلب ڪري ورتو آهي.

بقايا 14 محمد بخش مهر

جي معاملن واري صوبائي وزير سردار محمد بخش مهر جي صدارت هيٺ ٿيل اجلاس ۾ ڪيو ويو اجلاس ۾ صوبائي وزير سيد ذوالفقار شاهه، مکيش ڪمار چاولا، راندين واري کاتي جي سيڪريٽري منور مهيسر سنڌ اسيمبلي جي ميمبر قاسم سراج سومرو، راندين واري کاتي جي ڊائريڪٽر اسد اسحاق ۽ ٻيا شريڪ ٿيا. ان موقعي تي ٿر جيپ ريلي جي ٽريڪ کي 92 ڪلوميٽرن بدران 150 ڪلوميٽرن تائين وڌائڻ جي منظوري ڏني وئي اجلاس ۾ ٻڌايو ويو ته 19هين سنڌ گيمز جي انعقاد لاءِ تيارين جي شروعات ڪئي وئي آهي راندين واري وزير سردار محمد بخش مهر چيو ته سنڌ گيمز جي بجيٽ جي منظوري وزيراعليٰ کان ورتي ويندي. سنڌ اسپيشل گيمز 13 کان 15 فيبروري تائين ڪراچي ۾ منعقد ٿيندا. سردار غلام محمد خان مهر جي نالي سان سکر ۾ هن مهيني جنوري کان 15 فيبروري تائين ڪرڪيٽ ٽورنامينٽ ٿيندو جنهن ۾ پي سي بي بورڊ کان منظور ٿيل ڪلبن جون 40 ٽيمون حصو وٺنديون هن چيو ته بيل گاڏي ريس 24 جنوري تي ٿئي ۾، ٿر فيسٽيول 6 کان 7 فيبروري تائين مٺي ۾ منعقد ٿيندو جڏهن ته ڳڙهي خدا بخش ڀٽو ۾ شهيد محترمه بينظير ڀٽو ميگا ملاکڙو هن مهيني جنوري جي آخري هفتي ۾ منعقد ڪيو ويندو سردار محمد بخش مهر وڌيڪ چيو ته گهوڙيڪي فيسٽيول اپريل ۾ ٿيندو بيچ گيمز ڪراچي اپريل جي آخري هفتي ۾ ڪرائڻ جي تجويز آهي.

بقايا 15 لازمي قرار

(EPADS)جي نفاذ کي لازمي قرار ڏئي ڇڏيو آهي. ان حوالي سان سنڌ پبلڪ اي-پروڪيورمينٽ سسٽم (EPADS) ۽ سنڌ پبلڪ پروڪيورمينٽ رولز 2010 ۾ ٿيل تازين ترميمن بابت آگاهي ڏيڻ لاءِ کاتن جي سربراهن لاءِ ڪراچي جي هڪ مقامي هوٽل ۾ خصوصي اورينٽيشن سيشن منعقد ڪيو ويو جنهن جي صدارت چيئرمين سنڌ پبلڪ پروڪيورمينٽ ريگيوليٽري اٿارٽي (SPPRA)ضياء الحسن لنجار ڪئي. اورينٽيشن سيشن دوران شرڪت ڪندڙن کي سنڌ پبلڪ پروڪيورمينٽ رولز 2010 ۾ ٿيل تازين ترميمن جي تفصيلي وضاحت سان گڏ EPADSجي خاصيتن بابت پوائنٽ ٽو پوائنٽ بريفنگ ڏني وئي. ان موقعي تي ٻڌايو ويو ته پروڪيورمينٽ ريگيوليٽري اٿارٽي جو قيام صوبي ۾ سرڪاري خريداري جي عمل کي شفاف، اثرائتو مقابلي وارو ۽ منصفاڻو بڻائڻ لاءِ ڪيو ويو هو. چيئرمين سيپرا ضياء الحسن لنجار چيو ته سنڌ پبلڪ پروڪيورمينٽ رولز 2010 ۾ تازين ترميمن جو مقصد عملي چئلينجن جو حل، وضاحت ۾ اضافو ۽ جوابدهي کي بهتر بڻائڻ آهي، جڏهن ته انهن ترميمن ذريعي خريداري جي طريقن کي حڪمراني جي ضرورتن ۽ بين الاقوامي بهترين طريقن سان هم آهنگ ڪيو ويو آهي. هن وڌيڪ چيو ته EPADSذريعي ڊجيٽلائيزيشن انهن سڌارن جي منطقي ۽ ضروري واڌ آهي، جيڪا ريگيوليٽري نگراني کي مضبوط بڻائي ٿي. EPADSخريداري جي طريقيڪار ۾ هڪجهڙائي کي هٿي وٺرائي ٿي ۽ شفافيت ۽ سراغ رساني ذريعي واڪ ڏيندڙن، آڊيٽرن ۽ نگران ادارن جي اعتماد ۾ اضافو ڪري ٿو. چيئرمين سيپرا واضح ڪيو ته ايس پي پي آر اي بورڊ EPADSجي لاڳو ٿيل ۽ ترميم ٿيل قاعدن جي مؤثر عملدرآمد جي مڪمل حمايت ڪري ٿو. هن چيو ته هي تبديلي رڳو طريقيڪار جي تبديلي نه پر جديد عوامي مالي انتظام لاءِ هڪ حڪمت عملي ضرورت آهي. ان موقعي تي چيئرمين سيپرا سڀني خريد ڪندڙ ادارن تي زور ڏنو ته هو ترميم ٿيل قاعدن ۽ EPADSکي صرف عمل جي گهرجن طور نه پر بهتر فيصلا سازي ۽ بهتر خريداري نتيجن کي حاصل ڪرڻ لاءِ سهولتي اوزارن طور اختيار ڪن. هن وڌيڪ چيو ته مناسب تربيت ۽ ڪاتيدار سهڪار سان اهي سڌارا سنڌ ۾ سرڪاري خريداري جي نظام کي نمايان طور مضبوط ڪندا. واضح رهي ته سنڌ حڪومت طرفان سڀني کاتن ۾ اي پروڪيورمينٽ سسٽم (EPADS)کي لاڳو ڪرڻ باقاعده طور لازمي قرار ڏنو ويو آهي.

بقايا 16 پاڪستان جو موقف

علائقائي استحڪام لاءِ غير معمولي بحران پيدا ڪيو اها ڳالهه گڏيل قومن ۾ پاڪستان جي وقتي مستقل نمائندي عثمان جدون گذريل ڏينهن گڏيل قومن جي يونيورسٽي (يو اين يو) ۽ گڏيل قومن ۾ ڪينيڊا مشن جي شراڪت سان منعقد ٿيل گول ميز ڳالهين کي خطاب ڪندي چئي هن چيو ته اهو قدرتي عمل ناهي پر هڪ رياست جاڻي واڻي پاڻي کي هٿيار طور استعمال ڪري رهي آهي هن چيو ته ڀارت جي انهن قدمن کان پوءِ سنڌ طاس معاهدي جون سنگين خلاف ورزيون سامهون آيون آهن جن ۾ هيٺاهين وارن علائقن ۾ پاڻي جي وهڪري ۾ بنا ڪنهن اطلاع جي رڪاوٽون ۽ آبي معلومات جي فراهمي روڪڻ شامل آهي پاڪستاني نمائندي واضح ڪيو ته پاڪستان جو موقف بلڪل واضح آهي اهو معاهدو قانوني طور تي هن قوت به برقرار آهي ۽ ان ۾ ڪنهن به قسم جي هڪ طرفي معطلي يا ترميم جي اجازت نه ڏني وئي آهي اجلاس گڏيل قومن جي تحقيقي ڪندڙن پاران جاري ڪيل اهم رپورٽ گلوبل واٽر بينڪرپسي کان پوءِ منعقد ٿيو جنهن ۾ عالمي آبي ايجنڊا کي نئين سر ترتيب ڏيڻ تي زور ڀريو ويو آهي چاڪاڻ ته ناقابل تلافي نقصان سبب آبي ذخيرا شديد دٻاءَ جو شڪار ٿي چڪا آهن پاڪستاني نمائندي چيو ته سنڌو درياهه مان سيرياب ٿيندڙ علائقائي انڊس رور بيسن پاڪستان جي زرعي ضرورتن لاءِ 80 سيڪڙو کان وڌيڪ پاڻي فراهم ڪري ٿو ۽ 240 ملين کان وڌيڪ ماڻهن جي زندگي ۽ روزگار جو ذريعو آهي هن چيو ته ڪيترن ئي ڏهاڪن تي مشتمل اهو معاهدو پاڻي جي منصفاڻي ۽ قابل اعتماد انتظام جو فريم ورڪ فراهم ڪندو رهيو آهي پاڪستاني نمائندي چيو ته پاڪستان پنهنجي پاران مربوط منصوبا بندي، ٻوڏ کان تحفظ، آبپاشي جي نظام جي بحالي، جر جي پاڻي وڌائڻ ۽ ماحولياتي نظام جي بحالي ذريعي آبي استحڪام کي مضبوط بڻائي رهيو آهي جن ۾ (living Indus and recharge Pakistan projects) لونگ انڊس ۽ ريچارج پاڪستان جهڙا منصوبا شامل آهن هن زور ڀريو ته گڏيل دريائي نظام ۾ آبي خطرن جو حل صرف قومي قدمن ذريعي ممڪن ناهي سرحد پار آبي نظم ۽ ضبط ۾ اڳواٽ معلومات، شفافيت ۽ سهڪار هيٺاهين وارن علائقن ۾ وسندڙ آبادين جي بقا لاءِ ضروري آهن هلندڙ سال گڏيل قومن جي آبي ڪانفرنس کان اڳ پاڪستاني نمائندي ان ڳالهه تي زور ڀريو ته پاڻي جي عدم تحفظ کي هڪ عالمي ۽ منظم خطري طور سمجهيو وڃي ۽ عالمي آبي قانونن جي احترام ۽ تعاون کي مرڪزي حيثيت ڏني وڃي ۽ ان ڳالهه کي يقيني بڻايو وڃي ته ڪيل واعدا ڪمزور هيٺاهين وارن علائقن جي حقيقي حفاظت ۾ تبديل ٿين

بقايا 17 ناصر شاه

چائنيز ڪمپني سنڌ ۾ سيڙپڪاري ڪرڻ ۾ دلچسپي جو اظهار ڪيو ۽ صوبائي وزير کي پنهنجي پيشه ورانه صلاحيتن ۽ ڪارڪردگي بابت تفصيل سان آگاهه ڪيو ڪمپني سمنڊ جي پاڻي کي پيئڻ لائق بڻائڻ جا پلانٽ ۽ زير زمين پاڻي کي استعمال لائق بڻائڻ جا پلانٽ لڳائڻ ۾ به دلچسپي ظاهر ڪئي ان موقعي تي وزير بلديات سيد ناصر حسين شاهه چيو ته سنڌ ۾ غير ملڪي سيڙپڪارن کي ڀليڪار چئون ٿا سنڌ حڪومت اوهان جي پيشه ورانه صلاحيتن مان فائدو حاصل ڪرڻ ۾ دلچسپي رکي ٿي هن چيو ته عوام کي بنيادي سهولتون فراهم ڪرڻ سنڌ حڪومت جي اولين ترجيحن ۾ شامل آهي پيئڻ جو صاف پاڻي هر شهر ۽ ڳوٺ تائين پهچائڻ لاءِ ڪم جاري آهي هن وڌيڪ چيو ته چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جي هدايت آهي ته عوام کي سڀ سهولتون سندن دهليز تي مهيا ڪيون وڃن ۽ صوبائي حڪومت بلاول ڀٽو زرداري جي انهن هدايتن تي عملدرآمد لاءِ ڏينهن رات ڪوشش ڪري رهي آهي.

بقايا 18 جيمس هيمپسن

تي نظر وجهڻ جو اهم موقعو آهي عورتن ۽ ڇوڪرين کي اظهار جو موقعو ڏيڻ ۽ فنون ۽ ثقافت جي تبديلي آڻيندڙ طاقت کي استعمال ڪرڻ واو جي اصل روح آهي حقيقي تبديلي لاءِ ضروري آوازن کي ٻڌڻ اڄ اڳ کان وڌيڪ اهم آهي هن چيو ته برٽش ڪائونسل واو (عورتن جي دنيا) فائونڊيشن، گڏيل قومن جي اداري يونائيٽڊ نيشنز پاپوليشن فنڊ ۽ انٽرپرينيوئرشپ اينڊ ڪميونٽي ڊولپمينٽ انسٽيٽيوٽ جي سهڪار سان ورمين آف دي ورلڊ پاڪستان فيسٽيول جي ڏهن سالن جي مڪمل ٿيڻ جي خوشي ۾ واو پاڪستان 2026 به ڏينهن وارو فيسٽيول 24 ۽ 25 جنوري 2026 تي مقامي هوٽل ۾ منعقد ٿيندو واو فيسٽيول عورتن جي ڪاميابين کي خراج پيش ڪرڻ، صنفي برابري تي بامعنيٰ ڳالهه ٻولهه کي هٿي ڏيڻ ۽ عورتن کي درپيش سماجي ۽ معاشرتي چيلينجز تي بحث لاءِ هڪ منفرد ۽ جامع پليٽ فارم مهيا ڪري ٿو فيسٽيول ۾ عورتن، ڇوڪرين ۽ خاندانن لاءِ ثقافت، فنون، موسيقي، مڪالمن ۽ سکيا جا مختلف پروگرام پيش ڪيا ويندا هن وڌيڪ چيو ته برٽش ڪائونسل پاڪستان جي ڪنٽري ڊائريڪٽر جيمز هيمپسن چيو ته اسان واو پاڪستان جي ڏهن سالن جي مڪمل ٿيڻ جو جشن ملهائي رهيا آهيون ۽ اهو ڪراچي ۾ بهترين تقريب کان شروع ٿيل هن سفر تي نظر وجهڻ جو اهم موقعو آهي عورتن ۽ ڇوڪرين کي اظهار جو موقعو ڏيڻ ۽ فنون ۽ ثقافت جي تبديلي آڻيندڙ طاقت کي استعمال ڪرڻ واو جي اصل روح آهي حقيقي تبديلي لاءِ ضروري آوازن کي ٻڌڻ اڄ اڳ کان وڌيڪ اهم آهيان موقعي تي واو پاڪستان جي چيئر ۽ گڏيل ڪيوريٽر امنه شيخ فاروقي چيو ته واو پاڪستان جي شروعات عورتن جي آواز جي اهميت تي پڪي يقين سان ڪئي وئي هئي جڏهن اهو آواز بنا ڪنهن معذرت جي ٻڌو وڃي ٿو ته سماج بدلجي ٿو ڏهن سالن ۾ اسان اهڙا موقعا پيدا ڪيا جتي خيالن جنم ورتو هم خيال ٻئي اڳتي وڌيا، ڏکين حالتن ۾ به هن سال جو عنوان ڌر ڪڙڪائڻ رڳو هڪ ڪڙڪو ناهي پر هڪ دعويٰ آهي ته مان هتي آهيان ڏهه سال پوءِ به اسين ٻڌي رهيا آهيون تخليق ڪري رهيا آهيون ۽ اهڙي مستقبل ڏانهن وڌي رهيا آهيون جنهن جي جوڙجڪ ڪجهه نه پر گڏيل ڪيترين آوازن سان ٿيندي. واو پاڪستان 2026 کي هر ماڻهو لاءِ قابل رسائي بڻائڻ خاطر خاص انتظام ڪيا ويا آهن جن ۾ اشارن جي ٻولي جي سهولت، بريل مواد ۽ ويل چيئر لاءِ مناسب رستا ۽ ريمپس شامل آهن پريس ڪانفرنس ۾ ٻڌايو ويو ته فيسٽيول جي اهم پروگرامن ۾ جنهن ۾ سينيٽر شيري رحمان جوڊ ڪيلي برطانوي هاءِ ڪمشنر جين ميريٽ شريڪ ٿينديون جڏهن ته نظامت صحافي صديره اقبال ڪندي ان کان علاوه مشهور ڪٿڪ فنڪاره نگهت چوڌري جي فن جو مظاهرو، موسيقي جي محفل تناشا بيگ ۽ بابر شيخ سان لوڪ موسيقي استاد نور بخش کان پينل ڊسڪشن مصنوعي ذهانت ۽ ڪوڊ ٿيل عدم مساوات تي عنبر شمسي جي ميزباني ۾، فائر سائيڊ چيٽ ڪينس تخليق ۽ همت تي انجلين ملڪ سان سيڙپڪاري بابت ماسٽر ڪلاس مشعل خان کان سنڌي فنڪارن جون خاص پرفارمنسون عدنان جهانگير ۽ صاحبزادين جو پروگرام ٻارن لاءِ ڪهاڻيون ۽ گيت خالد انعم کان ۽ گريس ٿيٽر جي پرفارمنس شامل آهن هن سال جو موضوع ڪڙڪو، هڪ نئين دنيا در ڪڙڪائي رهي آهي عورتن جي ڏهن سالن جي جدوجهد، قيادت ۽ تبديلي جي سفر جي علامت آهي هي موضوع اسان کي اڄ جي حيثيت کي تسليم ڪرڻ ۽ گڏيل قيادت ۽ نون بيانين سان ٺهندڙ مستقبل جو در کولڻ جو پيغام ڏئي ٿو واو فيسٽيول وسيلي برٽش ڪائونسل عورتن کي پنهنجي آواز بلند ڪرڻ نظامي رڪاوٽن کي چيلينج ڪرڻ ۽ پنهنجي ڪاميابين جو جشن ملهائڻ جا موقعا مهيا ڪندو رهندو

بقايا 19 رڪارڊ جمع

جن مان ڪي فائلون گل پلازا سان لاڳاپيل زير التوا عدالتي ڪيسن بابت آهن اهي ڪيس سال 1992، 2015 ۽ 2021 دوران داخل ڪيا ويا هئا جمع ڪرايل فائلن ۾ گل پلازا ۾ ٿيل خلاف ضابطه تعمير بابت دستاويز به شامل آهن رڪارڊ موجب، عمارت جي حوالي سان ريوائزڊ پروپوزل ۽ ريگولرائيزيشن پلان جا ڪاغذ پڻ موجود آهن ان ڪانسواءِ عمارت جي منظوري بابت تيار ڪيل رپورٽ فائل به ايس بي سي اي طرفان جمع ڪرائي وئي آهي ذريعن جو چوڻ آهي ته سنڌ بلڊنگ ڪنٽرول اٿارٽي سانحي کان چار ڏينهن بعد مڪمل رڪارڊ جاچ اختيارين حوالي ڪيو ڪراچي ڊويزن طرفان گل پلازا جون اصل فائلون ايڊيشنل ڪمشنر جي آفيس حوالي ڪيون ويون آهن اهي اصل فائلون پلاٽ نمبر 32، پي آر-01، پريڊي ڪوارٽرز ضلع ڏکڻ ڪراچي سان لاڳاپيل آهن فائلن ۾ عدالتي ڪيسن خلاف ضابطه تعميرن رپورٽن ۽ ريگولرائيزيشن پلان جا تفصيلي رڪارڊ شامل آهن تفصيل موجب، عدالتي ڪيس سي پي نمبر 4138/2015 ۾ 86 صفحن تي مشتمل رڪارڊ ۽ نوٽنگ شامل آهي، جڏهن ته سي پي نمبر 971/2021 ۾ 50 صفحن جون تفصيلون موجود آهن ان ڪانسواءِ سي پي نمبر 1081/1992 واري ڪيس فائل ۾ 16 صفحا ۽ نوٽنگ شامل ڪئي وئي آهي خلاف ضابطه تعمير بابت فائل ۾ 6 صفحن تي ٻڌل خط و ڪتابت موجود آهي ريوائزڊ پروپوزڊ بلڊنگ پلان فائل ۾ 57 صفحا ۽ 6 صفحن جي نوٽنگ شامل آهي رپورٽ فائل ۾ 135 صفحا ۽ 7 صفحن تي مشتمل نوٽنگ موجود آهي، جڏهن ته ريگولرائيزيشن فائل ۾ 41 صفحا ۽ 7 صفحن جي نوٽنگ شامل ڪئي وئي آهي جاچ اختيارين موجب، جمع ڪرايل سموري رڪارڊ جي روشني ۾ گل پلازا سانحي جي ذميوارين جو تعين ڪيو ويندو

بقايا 20 دانيال چوڌري

چڙهندي ترقي استحڪام ۽ بهتري جو صحيح رخ اختيار ڪري ورتو آهي هن چيو ته اڄ ملڪي ڪارڪردگي معاشي انگن اکرن ۾ بهتري ۽ وڌندڙ اعتماد ان ڳالهه جو ثبوت آهي ته پاڪستان سڌي راهه تي هلي پيو آهي ۽ ايندڙ وقت وڌيڪ خوشحالي کڻي ايندو بئريسٽر دانيال چوڌري ڪالهه اربع ڏينهن راولپنڊي ۾ منعقد فرنيچر نمائش جي تقريب کي خطاب ڪندي چيو ته هڪ وقت هو جڏهن اپوزيشن پاران اها دعويٰ ڪئي پئي وئي ته ملڪ 20، 24 يا 48 ڪلاڪن ۾ ڊيوالپٽو ٿي ويندو پر اڄ اهو ئي پاڪستان معاشي بهتري ۽ استحڪام جو مثال بڻجندو پيو وڃي هن چيو ته حڪومت جي دانشمندانه پاليسين جي ڪري مهانگائي ۾ واضح گهٽتائي آئي آهي ۽ معيشت ٻيهر پنهنجي پيرن تي بيهي رهي آهي هن چيو ته اهو ڏينهن پري نه آهي جڏهن پاڪستان آءِ ايم ايف پروگرام کي خيرباد چوندو جنهن ڪانپوءِ ملڪي معيشت ۾ خودڪار طور تي بهتري ايندي ۽ عوام کي حقيقي رليف ملندو هن چيو ته گذريل ڪجهه سالن ۾ مهانگائي، مالي خساري ۽ بين معاشي چئلينجز تي ابطو آڻڻ حڪومت جي وڏي ڪاميابي آهي وفاقي پارلياماني سيڪريٽري چيو ته راولپنڊي سڌائين پاڪستان جي معيشت ۾ مرڪزي ادا ڪيو آهي ۽ هتان جي واپاري برادري هر مشڪل گهڙيءَ ۾ ملڪ جي لاءِ فرنٽ لائين جو ڪردار ادا ڪيو هن فرنيچر مارڪيٽ کي پاڪستان جي بهترين مارڪيٽس ۾ شمار ڪندي چيو ته ان کي اڳتي ترقياتي منصوبن ۾ باقاعده شامل ڪيو ويندو جڏهن ته پارڪنگ سميت واپارين کي درپيش مسئلا گڏيل مشاورت سان حل ڪيا ويندا هن چيو ته پاڪستان جي اصل طاقت پاڪ فوج ۽ ان جي پليان بيٺل قوم آهي اسان جا جوان اڄ پنهنجي جانين جا نذرانا پيش ڪري رهيا آهن ته جيئن قوم جو سڀائي محفوظ ٿئي هن چيو ته واپاري برادري، عوام ۽ سمورا ادارا پاڪ فوج سان هڪ زبان ٿي بيٺل آهن بئريسٽر دانيال چوڌري چيو ته موجوده عالمي نظام ۾ طاقت کي حق سمجهيو وڃي ٿو اهڙي ۾ جيڪڏهن ڪا مضبوط ديوار بڻجي پاڪستان جو دفاع ڪري رهي آهي ته اها پاڪ فوج آهي ايندڙ ڏينهن ۾ پاڪستان وڌيڪ مضبوط ٿيندو معيشت مستحڪم ٿيندي ۽ عوام خوشحال ٿيندي

بقايا 21 ڪميٽي قائم

ملاقات ۾ ملڪ جي مجموعي صورتحال امن جي قيام ۽ مذهبي هم آهنگي سميت عالم سڳورن جي درپيش مسئلن تي تفصيلي ڳالهيون ڪيون ويون ملاقات دوران عالم سڳورن جي مسئلن جي حل جي لاءِ هڪ خصوصي ڪميٽي جوڙڻ جو فيصلو ڪيو ويو ڪميٽي جي قيادت مملڪتي گهرو وزير طلال چوڌري ڪندو ميمبرن ۾ مفتي منيب الرحمان ۽ ٻيا عالم سڳورا ان ڪميٽي جو حصو هوندا اها ڪميٽي مسئلن جي مستقل ۽ عمل جوڳي حل لاءِ پنهنجون سفارشون پيش ڪندي وفاقي گهرو وزير محسن نقوي ۽ مفتي منيب الرحمان ۽ ٻين عالم سڳورن جي خدمتن جي تعريف ڪندي چيو ته مفتي منيب الرحمان سڀني لاءِ احترام لائق آهي ۽ هن هميشه اتحاد اتفاق ۽ يڪجهتي جو درس ڏنو آهي هو سڀني کي گڏ رکڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري رهيو آهي محسن نقوي زور ڀريو ته اسان سڀني هڪ آهيون ۽ پاڪستان سڀني کان اول آهي هن خاطري ڪرائي ته عالم سڳورن جي مسئلن جو جائزو وٺي کين فوري حل ڪرڻ لاءِ سمورا ضروري قدم کنيا ويندا مملڪتي وزير طلال چوڌري چيو ته پاڪستان جي استحڪام لاءِ عالم سڳورن جون خدمتون تعريف جوڳيون آهن ملاقات جي پڄاڻي تي مفتي منيب الرحمان ملڪ جي سلامتي ترقي، استحڪام ۽ خوشحالي لاءِ خصوصي دعا پڻ ڪئي وفد ۾ علامه لياقت حسين اظهري، مفتي عابد مبارڪ المدني ۽ ملڪ محمد ابراهيم، وفاقي گهرو سيڪريٽري محمد خرم آغا، آءِ جي اسلام آباد علي ناصر رضوي ۽ ٻيون اعليٰ اختياريون موجود هيون

بقايا 22 طلال چوڌري

مخالفن کي ذاتي دشمن نٿي سمجهي قيدين کي سمورا آئيني ۽ قانوني حق ڏنا پيا وڃن ۽ ڪنهن ڪوتاهي جي صورت ۾ ذميواري جيل عملدارن تي لاڳو هوندي گذريل ڏينهن قومي اسيمبلي ۾ ميمبرن جي اعتراض واري نقطي تي جواب ڏيندي هن چيو ته سندس پارلياماني حاضري 100 سيڪڙو کان وڌيڪ آهي ۽ ايوان ۾ ڪنهن به ميمبر جي حاضري سئو سيڪڙو نٿي ٿي سگهي. هن چيو ته الحمد الله سينيٽ يا ڪنهن به فورم تي اهو نٿو چئي سگهجي ته مون ڪنهن معاملي تي عملدرآمد ناهي ڪيو يا وقت سر رد عمل ناهي ڏنو اسٽينڊنگ ڪميٽين جي اجلاسن ۾ هر پيري سمورن لاڳاپيل ادارن جي سربراهن جي شرڪت سندس ڪارڪردگي جو واضح ثبوت آهي، جيڪڏهن رڳو نالو وٺي سرخي ڏاهڻي هجي ته اها ميڊيا جي صوابديد آهي تنهن هوندي به اصل شيءِ ڪارڪردگي ۽ حاضري آهي جيڪا سڀني جي آڏو آهي افغان شهرين بابت تازي معاملي جو ذڪر ڪندي مملڪتي وزير ٻڌايو ته گذريل رات سندس شهريار آفريدي سان ڳالهه ٿي جنهن ۾ واضح ڪيو ويو ته هي هڪ باقاعده قانوني عمل آهي ڪجهه وقت معاملن کي جلدبازي ۾ صوبائيت يا ڪنهن ٻي رخ طرف موڙيو ويندو آهي جيڪو درست ناهي طلال چوڌري انڪشاف ڪيو ته اها ڳالهه رڪارڊ تي آهي ته ڪجهه پاڪستانين ذاتي يا مالي مفادن لاءِ افغان شهرين کي بي فارم ۾ شامل ڪري پاڪستاني ڏاهڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ نادرا ان حوالي سان 2 وڏيون مهمون هلايون ملوث نادرا اهلڪارن کي سزائون ڏنيون ويون ۽ هي عمل هاڻي به جاري آهي ته جيئن افغان شهرين کي ڊار ۽ پاڪستاني شهرين کي محفوظ رکي سگهجي هن ٻڌايو ته موجوده معاملو راولپنڊي ڊسٽرڪٽ بابت آهي پوليس عملدارن سان ڳالهه ٿي چڪي آهي ۽ 7 ماڻهن جي فهرست انهن وٽ موجود آهي جڏهن ته مڪمل قانوني عمل جاري آهي هن واضح ڪيو ته جيڪي به ٻاريا ماڻهو پاڪستاني ثابت ٿيندا اهي اسان جا پنهنجا ماڻهو آهن ڪين ڪيڏانهن نه موڪليو پيو وڃي اهي ماڻهو حاجي ڪيمپ يا ٻين هنڌن تي موجود آهن ۽ قانوني عمل مڪمل ٿيڻ ڪانپوءِ سمورا پاڪستاني ٻار اچ پنهنجي گهرن ڏانهن واپس هليا ويندا پي ٽي آءِ باني جي ملاقاتن جي حوالي سان مملڪتي وزير چيو ته ان تي غير ضروري سياست ڪئي پئي وڃي، جتا وٺي وڃڻ عوامي ميڙاڪا ڪرڻ ۽ هزارين قيدين جي زندگي کي خطري ۾ وجهڻ ڪنهن به طور تي درست ناهي جيل عملدارن کي اهو ڊڪٽيٽ نٿو ڪري سگهجي ته ملاقات ڪهڙي طرح ۽ ڪهڙين شرطن تي ٿيندي هن چيو ته پاڪستان جي تاريخ ۾ اهڙا قيدي به رهيا آهن جيڪي 30، 30 سال جيل ۾ رهيا، پر ڪين ايتريون ملاقاتون به نه مليون جيتريون هن قيدي کي ملي چڪيون آهن هن موجب ساڍا 8 سئو کان وڌيڪ ماڻهو ملاقات ڪري چڪا آهن جن ۾ گهرڀاتي سياسي اڳواڻ ۽ وڪيل شامل آهن جڏهن ته ڊاڪٽر تائين ڊار پهچ به حاصل آهي طلال چوڌري چيو ته ڪجهه حلقا وقفي وقفي سان سوشل ميڊيا تي اهو تاثر ڏيڻ جي ڪوشش ڪن ٿا ته قيدي جي حالت ڳڻتي جوڳي آهي، پر ملاقاتن ۾ سڀ ڏسندا آهن ته هو ماشاءَ الله صحتمند، تندرست آهن ۽ باقاعده ورزش ڪندو رهندو آهي هن ٻڌايو ته جيل ۾ مڪمل ڪامپليڪس موجود آهي جتي ورزش، ذاتي ڊاڪٽر بورچي مينو ۽ جيل مينول موجب سمورريون سهولتون فراهم ڪيون پيون وڃن مملڪتي وزير چيو ته هي معاملو عدالت ۾ ٻڌڻي هيٺ آهي ۽ فيصلو اڄان عدالت ئي ڪندي

بقايا 23 سرفراز بگٽي

سمجهوتو نه ڪيو ويندو هن سماجي رابطي جي ويب سائٽ ايڪس تي جاري پيغام ۾ چيو ته بلوچستان جي لڳ ڀڳ هڪ هزار ارب روپين جي ساليانی بجيٽ هڪ تلخ حقيقت جي نشاندهي ڪري ٿي، جنهن ۾ لڳ ڀڳ 80 سيڪڙو نان ڊوليمينٽ خرچ ٿي ويندا آهن يعني ادائي لک جي لڳ ڀڳ سرڪاري ملازمن جي پگهارن ۽ پينشن جڏهن ته رڳو 200 ارب روپيا صوبي جي 1.3 ڪروڙ عوام جي ترقي ۽ ڀلائي لاءِ دستياب هوندا آهن ان غير متوازن نظام کي درست ڪرڻ لاءِ گذريل 2 سال ۾ اسان متروڪ ۽ غير موثر سرڪاري آفيسن کي بند ڪيو 8 هزار غير ضروري سرڪاري نوڪريون ختم ڪيون ۽ غير حاضر ملازمن خلاف بنا فرق جي ڪارروائيون ڪيون هن چيو ته سڌارن جو سفر اڃان مڪمل ناهي ٿيو اٿون بلوچستان جي عوام جي مفاد تي ڪو به سمجهوتو نه ڪندس ۽ سڌارن جو اهو عمل هر صورت ۾ اڳتي وڌندو رهندو

بقايا 24 منظوري

پارٽي جي شازيه مري بل جي حوالي سان اسٽينڊنگ ڪميٽي جي رپورٽ ۽ بل ايوان ۾ پيش ڪرڻ جي اجازت گهري، اجازت ملڻ تي هن رپورٽ ۽ بل ايوان ۾ پيش ڪري ڇڏيو ايوان بل جي شق وار منظوري ڏئي ڇڏي بل تحت اليڪشن ايڪٽ 2017ع ۾ اهم ترميمون ڪيون ويون آهن انهن ترميمن جو مقصد شفافيت کي برقرار رکندي پارليامينٽ جي ميمبرن جي انفرادي حقن ۽ نجي زندگي جي تحفظ کي يقيني بڻائڻ آهي بل تحت اليڪشن ايڪٽ 2017ع ۾ اهڙيون تبديليون متعارف ڪرايون ويون آهن جيڪي عوامي احتساب ۽ پارليامينٽيرينز جي پرائيويسي وچ ۾ توازن قائم ڪري رهيون آهن بل جي هڪ اهم شق تحت قانوني حوالن کي وفاقي آئيني عدالت سان هم آهنگ ڪيو ويو آهي

بقايا 25 ملاقات

لاءِ پاڪستان جي مستقل اصولي ۽ اڻٿڪ حمايت تي ٿورا ادا ڪيا ڪالهه اربع ڏينهن وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ پاران جاري بيان موجب اها ملاقات ورلڊ اڪنامڪ فورم جي موقعي تي ٿي فلسطين جو وزيراعظم محمد مصطفيٰ پاڻ هلي وزيراعظم محمد شهباز شريف وٽ آيو ۽ فلسطيني عوام جي لاءِ پاڪستان جي مستقل اصولي ۽ اڻٿڪ حمايت تي سندس دل سان ٿورا ادا ڪيا محمد مصطفيٰ عالمي فورمز تي فلسطين جي موقف جي حمايت ۽ فلسطين ڪاز جي لاءِ پاڪستان جي ڪردار تي پڻ وزيراعظم جا ٿورا مڃيا.

بقايا 26 ملاقات

پاڪستان جي عزم جو ورجاءُ ڪيو آهي وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ پاران جاري بيان موجب وزيراعظم محمد شهباز شريف عالمي اقتصادي فورم جي 56هين ساليانی اجلاس جي موقعي تي سوئٽزرلينڊ جي شهر ڊيووس ۾ انٽرنيشنل مانيٽري فنڊ جي مئنيجنگ ڊائريڪٽر ڪرسٽالينا جارجيوا سان ملاقات ڪئي وزيراعظم مئنيجنگ ڊائريڪٽر کي پاڪستان ميڪرو اڪنامڪ انگن اکرن ۾ بهتري، استحڪام جي ڪوشش ۽ اداراجاتي سڌارن تي اڳڀرائي کان آگاهه ڪيو هن مالياتي نظم ۽ ضبط اوڳاڙين کي متحرڪ ڪرڻ ۽ پائيدار ترقي جي لاءِ پاڪستان جي عزم جو ورجاءُ ڪيو آءِ ايم ايف جي ايم ڊي پاڪستان جي سڌاراجاتي ڪوشش جو اعتراف ڪيو ۽ انهن ڪوششن کي ساراهيو هن ڊگهي مدي واري اقتصادي لچڪ کي يقيني بڻائڻ جي لاءِ سڌارن جي رفتار کي برقرار رکڻ جي اهميت تي زور ڏنو ڏرين عالمي اقتصادي موقف، ايندڙ معيشتن کي درپيش چئلينجز ۽ اقتصادي استحڪام جي تحفظ ۾ گهڻ رخي تعاون جي اهميت تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي ملاقات ۾ نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير اسحاق ڊار اقتصادي معاملن وارو وفاقي وزير احد خان چيما، ناڻي ۽ اوڳاڙين وارو وفاقي وزير محمد اورنگزيب ۽ اطلاعات ۽ نشريات وارو وفاقي وزير عطاءُ الله تارڙ پڻ موجود هئا.

بقايا 27 انگ 61 ٿي ويو

هئي، سپني 30 لاش هڪ ڪراڪري شاپ مان مليا آهن ڊي آءِ جي سائوٿ موجب ملبو هٽائڻ جو ڪم بند ڪيو ويو آهي ڀريان لاش ڪڍيا پيا وڃن گل پلازا ۾ باهه لڳڻ کان پوءِ ماڻهن پاڻ کي بچائڻ لاءِ دڪان ۾ پاڻ کي بند ڪري ڇڏيو هو انهن ماڻهن جي آخري موبائل لوڪيشن به ساڳئي هنڌ کان آئي اسان پاڻ دڪان مان 14 ماڻهن جا باقيات ڪڍيا آهن. دڪان مالڪ ڪراڪري شاپ مالڪ سلمان جو چوڻ آهي ته اسان پاڻ دڪان مان 14 ماڻهن جا باقيات ڪڍيا آهن اسان جي دڪان ميزانائن فلور تي آهي واقعي وقت اسان جا ڪزن ۽ ملازم به اتي هئا، وڏي تعداد ۾ عورتون ۽ ٻيا ماڻهو به دڪان ۾ موجود هئا. پوليس سرجن ڊاڪٽر سامعيا هاڻي لاشن جي بدران ملبي مان باقيات ملي رهيا آهن پوليس سرجن ڊاڪٽر سامعيا جو چوڻ آهي ته هاڻي تائين ٻن ڏڪانن مان 21 لاش آندا ويا آهن اسان اجا تائين تصديق نٿا ڪري سگهون ته اهي صرف 21 لاش آهن يا ڪيترا ماڻهو ٿي سگهن ٿا. اربع جي صبح کان سول اسپتال ۾ صرف باقيات آندا ويا آهن ڊاڪٽر سامعيا موجب لاشن جي بدران هاڻي ملبي مان باقيات ملي رهيا آهن. جيڪي تمام خراب حالت ۾ آهن انهن باقيات ۾ ڪتل انساني هڏا ۽ ڪتل ڏند مليا آهن. ڊي اين اي ٽيسٽ نه هجڻ جي ڪري، باقيات کي وارثن جي حوالي ڪرڻ ۾ سخت مشڪلاتون پيش اچي رهيون آهن ريسڪيو عملدارن جو چوڻ آهي ته عمارت جو ملبو هٽائڻ دوران وڌيڪ لاش ۽ انساني عضوا ملي رهيا آهن. جنهن سبب فوت ٿيلن جي انگ ۾ واڌ جو خدشو آهي ريسڪيو ذريعن موجب ڪيترائي ماڻهو اڃان تائين لاپتا آهن. جن جي ڳولا لاءِ سرچ آپريشن تيزي سان جاري آهي حادثي ۾ ٽن وڌيڪ لاشن جي سڃاڻپ ٿي چڪي آهي جڏهن ته 17 لاشن جي سڃاڻپ ناهي ٿي سگهي ايڊيشنل آءِ جي ڪراچي جو چوڻ آهي ته گل پلازا واقعي ۾ تخريبڪاري جو ڪو به ثبوت نه مليو آهي مڪمل جاچ ڪئي پئي وڃي، گر ٿيل ڊمپر جي رپورٽ غلط آهي ڪمشنر ڪراچي جو چوڻ آهي ته رامپا پلازا کي ڪجهه نقصان پهتو آهي پر عمارت خطرناڪ ناهي سنڌ بلڊنگ ڪنٽرول اٿارٽي رامپا پلازا کي غير محفوظ قرار ڏنو آهي رامپا پلازا انتظاميا ۽ دڪان مالڪن کي نوٽيس جاري ڪيا ويا آهن. رامپا پلازا جي خطرناڪ حصي جي استعمال تي پابندي لڳائي وئي آهي گل پلازا واقعي جي جاچ پڻ جاري آهي سنڌ بلڊنگ ڪنٽرول اٿارٽي جاچ ڪميٽي جي سربراهه ڪمشنر ڪراچي کي ست فائلون جمع ڪرايون آهن ستن فائلن مان ڪي گل پلازا جي عدالتي ڪيسن ۽ غير قانوني تعميرات سان لاڳاپيل دستاويز آهن ڪمشنر ڪراچي ٻڌايو ته باهه سبب ويجهو واقع رامپا پلازا کي جزوي نقصان پهتو آهي

بقايا 28 ملتوي

تائين ملتوي ڪيو ويو گذريل ڏينهن قومي اسيمبلي جي اجلاس ۾ سوالن واري وقفي ڪانسواءِ ايجنڊا جا ڪجهه معاملا اڪلايا ويا، جڏهن ته هڪ بل جي منظوري ڏني وئي ان دوران ڪيترن ئي ميمبرن اعتراض وارن نقطن تي مختلف معاملن کي اجاگر ڪيو

بقايا 29 ڳالهيون

ڊيووس ۾ منعقد 56هين عالمي اقتصادي فورم جي موقعي تي فن لينڊ جي پرڏيهي وزير ايلينا والتونن ملاقات ڪئي ۽ گڏيل دلچسپي جي معاملن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي ڪالهه اربع ڏينهن پرڏيهي آفيس پاران جاري بيان موجب ٻنهي اڳواڻن واپار ۽ سيڙپڪاري سميت اهم شعبن ۾ پاڪستان ۽ فن لينڊ جي وچ ۾ تعاون کي مضبوط بڻائڻ ۽ ان جي دائره ڪار کي سگهه ڏيڻ جي عزم جو ورجاءُ ڪيو ان موقعي تي اهم علائقائي ۽ عالمي معاملن تي پڻ خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي ڏرين مستقبل تي ٻڌل ۽ گڏيل طور تي ڪارائتي حصيداري کي اڳتي وڌائڻ جي اهميت تي زور ڏنو

بقايا 30 انڪشاف

ڪيميڪل استعمال ڪيو ويو آهي، چوڻ مون ڪيترن ئي عمارتن ۾ باهيون لڳنديون ڏٺيون آهن پر باهه لڳڻ سان عمارت جا پلر ناهن ڪرندا، جڏهن ته هتي باهه ۾ گل پلازه جا پلر به ڪريا آهن ان کان سواءِ جيڪي لاش هٿ آيا آهن انهن جا هڏا به ڳري ويا آهن جنهن ۾ اهو انديشو ٿئي ٿو ته عمارت کي لڳل باهه ۾ خطرناڪ ڪيميڪل استعمال ڪيو ويو آهي ۽ گل پلازه کي سازش تحت باهه لڳائي وئي آهي ان ڏس ۾ ڪراچي ۾ 50 کان مٿي جيڪي به بلڊرز آهن انهن کي به تحقيقات ۾ شامل ڪيو وڃي

بقايا 31 گورنر

آپريشن ۾ اثرائتي قدمن لاءِ گورنر سنڌ جي ڪوششن جي تعريف ڪئي ۽ چيو ته گورنر سنڌ تمام ڏکين حالتن ۾ فوري ۽ عملي ڪردار ادا ڪيو جنهن قيمتي انساني جانين کي بچائڻ ۾ مدد ڪئي هن گل پلازا جي متاثرين جي بحالي لاءِ هر فورم تي آواز اٿارڻ تي گورنر سنڌ جو شڪريو پڻ ادا ڪيو ان موقعي تي گورنر سنڌ ۽ ڪراچي چيمبر پاران متاثرين جي بحالي ڪاروباري سرگرمين جي تحفظ ۽ مستقبل ۾ اهڙن واقعن جي روڪٿام لاءِ مختلف تجويزون پيش ڪيون ويون.

بقايا 32 واڌ رڪارڊ

رڪارڊ ٿي آهي اسٽيٽ بئنڪ آف پاڪستان موجب اربع ڏينهن انٽر بئنڪ مارڪيٽ ۾ آمريڪي ڊالر جي ڀيٽ ۾ پاڪستاني رپئي جي قيمت ۾ 01 پئسي جي واڌ رڪارڊ ٿي آهي جنهن ڪانپوءِ نئين قيمت 279 روپيا 90 پئسا ٿي وئي آهي انٽر بئنڪ مارڪيٽ ۾ سعودي ريال جو اڳهه 74 روپيا 64 پئسا، جڏهن ته بحرين جي دينار جو اڳهه 742 روپيا 39 پئسا رهيو

بقايا 33 فرحت الله بابر

جو مقابلو ڪيو پيرن ۽ فقيرن جي درگاهن تي حاضري ڏيڻ سان گڏ الله جي اولياءَن سان گڏ برزگن جي عزت پڻ ڪندي هئي ڪراچي پريس ڪلب ۾ لائٽ اسٽون پبلشر جي اميد طرفان پنهنجي لکيل ڪتاب " بينظير ڀٽو شهيد مستقبل تي نظر رکندي هئي " جي ڪتاب جي مهورتي تقريب کي خطاب ڪندي ڪئي هن چيو ته هن صدر آصف علي زرداري تي به ڪتاب لکيو هو هن چيو ته هر لکڻ وارو سوچيندو آهي ته ان جي لکڻي اثر انداز هجي بينظير جو آءِ ترجمان به رهي چڪو آهيان ڪيس نائين اليون ۾ هڪ خط موڪليو ويو ۽ محترمه کي ان خط ۽ اي ميل بابت آگاهه ڪيو جنهن ۾ خطرناڪ نتيجا ڀوڳڻ وارا لفظ پڻ شامل هئا.

بقايا 34 ملاقات

پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار ڊيووس ۾ عالمي اقتصادي فورم 2026ع جي موقعي تي ڪئناڊا جي پرڏيهي وزير انيتا آنند سان ملاقات ڪئي ڪالهه اربع ڏينهن پرڏيهي آفيس موجب ٻنهي اڳواڻن جي وچ ۾ خوشگوار ۽ ڪارائتي ڳالهه ٻولهه ٿي ۽ پاڪستان — ڪئناڊا لاڳاپن کي وڌيڪ فروغ ڏيڻ جي امڪانن جو جائزو ورتو ويو هن ٻطرفي اقتصادي ۽ واپاري لاڳاپن کي سگهه ڏيڻ ۽ وڌيڪ مضبوط بڻائڻ تي پڻ خيالن جي ڏي وٺ ڪئي

بقايا 35 تعزيت

ڪي جي سڌ سماءَ جي معاملن بابت وزيراعظم جي ڪوآرڊينيٽر اختيار ولي خان جي رهائشگاهه پهچي سندس والده جي وفات تي تعزيت جو اظهار ڪيو اربع ڏينهن قومي اسيمبلي سيڪريٽريٽ مطابق اسپيڪر سردار اياز صادق اختيار ولي خان ۽ سندس ڪٽنب سان دلي همدردي ۽ تعزيت جو اظهار ڪيو ۽ چيو ته والدين جو وڇڙڻ نه پرڻ جو خال ۽ عظيم صدمو آهي ڏک جي هن گهڙيءَ ۾ اختيار ولي خان ۽ سندس ڪٽنب جي ڏک ۾ برابر جو شريڪ آهيان اسپيڪر الله تعاليٰ کان مرحومه جي بلند درجن ۽ پوئتين لاءِ صبر جي دعا ڪئي

بقايا 36 صدر ٽرمپ

يورپ سان پيار آهي پر اهو سڌي رستي تي نه پيو هلي عالمي اقتصادي فورم کي خطاب ڪندي ڊونلڊ ٽرمپ چيو ته يورپ ۾ ڪجهه جايون هاڻ سڃاڻپ لائق ناهن رهيون، عوامي هجرت يورپ کي نقصان پهچايو يورپي ملڪ سڌارن تي ڌيان ڏين. اسان ڪيترن ئي سالن تائين يورپ جي مدد ڪئي بدلي ۾ ڪجهه نه مليو هن چيو ته اسان مهانگائي کي ختم ڪرڻ ۾ ڪامياب رهياسين، منهنجي صدارت ۾ آمريڪي معيشت ترقي ڪري رهي آهي، آمريڪا تاريخ ۾ ايتري معاشي ترقي ناهي ڏٺي جيڪا هاڻ ٿي رهي آهي ته آمريڪا ترقي ڪندو آهي ته دنيا ترقي ڪندي آهي سندس چوڻ هو ته اسان وينزويلا جي مدد ڪري رهيا آهيون.

بقايا 37 آباد اڳواڻ

طور ممڪن ناهي چاڪاڻ ته مارڪيٽ ۾ فائر سيفٽي جو سامان ئي ڪافي مقدار ۾ موجود ناهي چيئرمين آباد جو چوڻ آهي ته فائر سيفٽي آڊٽ رپورٽ اڳاري شام جاري ڪئي وئي جنهن ۾ جن عمارتن جي نشاندهي ڪئي وئي آهي انهن مان ڪيترين عمارتن 30 کان 35 سال پراڻيون آهن. محمد حسن بخشي موجب آباد جي ميمبرن گذريل 15 کان 20 سالن دوران جيڪي عمارتون تعمير ڪيون آهن انهن مان گهڻين ۾ فائر سيفٽي جا انتظام موجود آهن. جڏهن ته ان کان اڳ تعمير ڪيل عمارتن جي بلڊرز کي به هدايت ڪئي وئي آهي ته فائر سيفٽي قدمن تي عملدرآمد ڪن

بقايا 38 ورڪرز اڳواڻ

ريسڪيو ورڪرز ايسوسيئيشن جي جنرل سيڪريٽري سيد ذوالفقار شاهه انڪشاف ڪيو آهي ته شهر جي 29 فائر اسٽيشنن مان 8 مڪمل طور غيرفعال آهن سيد ذوالفقار شاهه موجب، فائر بريگيڊ وٽ موجود 60 فائر ٽينڊرن مان 18 خراب حالت ۾ آهن جڏهن ته 6 اسنارڪل مان رڳو 4 کان 5 ئي فعال آهن اهڙيءَ ريت 6 واٽر باوزرن مان 3 خراب پيل آهن هن وڌيڪ ٻڌايو ته فائر بريگيڊ جي منظوري ٿيل عملي جو انگ 1353 آهي پر في الحال رڳو 925 اهلڪار موجود آهن 22 اسٽيشن آفيسرن مان صرف 14 ڊيوٽي تي آهن جڏهن ته سب فائر آفيسر 35 جي جاءِ تي رڳو 27 موجود آهن ذريعن موجب، ليڊنگ فائر مين 113 جي جاءِ تي صرف 60 آهن جڏهن ته فائر فائٽرن جو انگ 777 هجڻ گهرجي، پر عملي طور 600 فائر فائٽر ڪم ڪري رهيا آهن

بقايا 39 جام ڪمال

ترقي بابت خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي ملاقات وزيراعليٰ هائوس ۾ ٿي جنهن ۾ صوبائي وزير صنعت جام اڪرام الله ذاريعي وڏي وزير جو سيڙپڪاري بابت خاص مددگار قاسم نويد، وڏي وزير جو پرنسپل سيڪريٽري آغا واصف ۽ سيڪريٽري ناڻو فياض جتوئي شرڪت ڪئي. وفاقي حڪومت جي وفد ۾ ٽريڊ ڊيوليمينٽ اٿارٽي آف پاڪستان جي چيف ايگزيڪيوٽو فيض احمد، اسٽيٽ لائف انشورنس جي چيف ايگزيڪيوٽو شعيب جاويد، نيشنل انشورنس ڪمپني لميٽيڊ جي چيف ايگزيڪيوٽو فرمان زرگون ۽ ٽريڊ ڊيوليمينٽ اٿارٽي آف پاڪستان جو سيڪريٽري شهريار تاج شامل هئا. ملاقات دوران زراعت، لائيو اسٽاڪ انشورنس ۽ ماربل سٽي منصوبن جي ترقي تي تفصيلي غور ڪيو ويو ان موقعي تي وفاقي وزير جام ڪمال خان چيو ته پاڪستان ۾ ماضي ۾ فصلن جي انشورنس جو تصور موجود نه هو پر هاڻي فصلن جي انشورنس متعارف ڪرائڻ لاءِ ضروري قدم کنيا پيا وڃن وڏي وزير سيد مراد علي شاهه زور ڏنو ته فصلن جي فنانسنگ ۽ انشورنس انتهائي اهم آهن. چيو ته مناسب مالي سهڪار ڪانسواءِ هاري بهتر پيداوار حاصل نٿا ڪري سگهن هن چيو ته سنڌ حڪومت صوبي ۾ زرعي بنيادن تي صنعتن جي فروغ لاءِ سرگرم قدم کڻي رهي آهي لائيو اسٽاڪ: خاص مددگار قاسم نويد اجلاس کي آگاهه ڪيو ته سنڌ حڪومت لانڍي ۽ گڏاپ جي سويشي ڪالونين کي بيمارين کان پاڪ زون بڻائي رهي آهي اجلاس ۾ لائيو اسٽاڪ کي بيمارين کان محفوظ رکڻ لاءِ قدمن کي وڌيڪ تيز ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو وڏي وزير چيو ته سويشي ڪالونين جي بيمارين کان پاڪ ڪرڻ جو عمل اڳ ئي جاري آهي ۽ يقين ڏياريو ته فٽ اينڊ مائوٿ ڊزيز جو مڪمل خاتمو يقيني بڻايو ويندو انشورنس ۽ گل پلازا سانحو: شرڪت ڪندڙن ڪراچي ۾ گل پلازا جي افسوسناڪ سانحي تي ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪيو

بقايا 40 انعام تقسيم

شاگردن ۾ مقابلي جي صلاحيت ۽ خوداعتمادي پيدا ڪن ٿيون تنهن ڪري اهڙيون سرگرميون ضلعي گهوٽڪي جي بين تعلقن ۾ پڻ ڪرائڻ لاءِ زور ڏيندا سين ته جيئن وڌيڪ شاگرد فائدو حاصل ڪري سگهن. ڊپٽي ڪمشنر منظور احمد ڪنراڻي تعليم جي بهتري لاءِ انتظاميه جي قدمن جو ذڪر ڪندي چيو ته حڪومت ۽ ضلعي انتظاميه تعليم کي اوليت ڏئي رهي آهي ۽ هر سطح تي سهولتون مهيا ڪرڻ لاءِ ڪوششون جاري آهن.تقريب کان اڳ ڊپٽي ڪمشنر گهوٽڪي هائير سيڪنڊري اسڪول خانپورمهر جو دورو پڻ ڪيو جتي هن اسڪول ۾ هلندڙ ترقياتي ڪمن جو جائزو ورتو ۽ جيڪي ڪم مڪمل نه ٿي سگهيا آهن انهن بابت پڇا ڳاڇا ڪئي. ان موقعي تي هن اسڪول جي احاطي گارڊن ۾ وڻ پڻ پوکيو ۽ ماحولياتي تحفظ بابت آگاهي ڏني.تقريب ۾ اسڪول جي استادن لياقت علي نوناري، علي اصغر مهر غلام ياسين قاضي سميت ٻيا استاد پڻ موجود هئا.

بقايا 41 سلسلو جاري

سهتو سميت پ پ اڳواڻن تڏي تي پهچي تعزيت جو اظهار ڪيو آهي جڏهن باني پريس ڪلب سيڪارجا سنئير صحافي ڳلاب علي سهتو پڻ ڏک جو اظهار ڪيو آهي

بقايا 42 اعلان

ڪورٽ جي رجسٽرار کي باقاعده خط لکيو ويو آهي، جنهن ۾ عدالتي ڪميشن قائم ڪرڻ جي درخواست ڪئي وئي آهي ذريعن موجب گهرو کاتي جي خط ۾ موقف اختيار ڪيو ويو آهي ته نادر خان جمالي جي موت بابت عوامي سطح تي شديد خدشا، احتجاج ۽ سنگين الزام سامهون اچڻ بعد شفاف، آزاد ۽ غيرجانبدار عدالتي جاچ ضروري ٿي وئي آهي، جيئن حقيقتون سامهون اچي سگهن ۽ ذميوارين جو تعين ٿي سگهي خط ۾ چيو ويو آهي ته نادر خان جمالي جي سبينا پوليس مقابلي واري واقعي بابت مختلف سوال اڀري رهيا آهن. جڏهن ته وارثن پاران ان کي جعلي مقابلو قرار ڏئي انصاف جو مطالبو ڪيو پيو وڃي اهڙي صورتحال ۾ عدالتي ڪميشن ذريعي جاچ عوام جو اعتماد بحال ڪرڻ لاءِ انتهائي اهم آهي

بقايا 43 ڪيچهي جون رسمون

جونيئر مريد عباس ڳاهو کي ٻڌرائي وٺي پڳ جو ٻهريون رو سنڌ اسيمبلي جي اڳوڻي ميمبر سيد سرڪار حسين شاهه ڏنو ۽ ٻيو رو سندس ڏاڏي نظر محمد ڳاهو ڏنو جڏهن پڳ کي ورڏنا انهن ۾ ڳوٺ جو وڏيرو نجف علي ڳاهو نياز حسين ڳاهو مريد حسين ڳاهو اڳوڻي ايم اين اي سيد پرويز علي شاهه جيلاني جو فرزند سيد شهزاد علي شاهه جيلاني درگاهه شريف جو گاديءنشين فقير امجد علي جلالاني اڳوڻو صوبائي وزير نگران الهڏايو سومرو شڪيل احمد چانڊيو درگاهه بودلي شريف جو گاديءنشين ميان فدا حسين پيرزادو، سردار آفتاب ارباب پلهه، سردار نظير احمد جامڙو شاهد نواز راڄپر، استاد رفيع الله سهتو ڊي ايس پي الطاف حسين ڳاهو محمد عباس ڳاهو ڪپتان رجب ملاح، ڊاڪٽر ايوب منگي نظام الدين سمون اف لاڙڪاڻو ڊاڪٽر سارنگ ملڪ وڏيرو نادر سولنگي، وڏيرو شير محمد گوپانگ سميت ٻين سياسي سماجي اديب شاعرن صحافين پڳ ڪي ور ڏنا ان موقعي تي مرحوم جي ايصال ثواب جي لاءِ قرآن خواني ۽ مجلس عزا بعد نياز نگر تقسيم ڪيو ويو

بقايا 44 ناڻي وزير

نظام ۾ بهتري، ڪارڪردگي ۾ اضافو ۽ ڊگهي مدي واري معاشي استحڪام لاءِ سڌارن جا قدم جاري آهن هن اها ڳالهه ڊيووس ۾ جاري ورلڊ اڪنامڪ فورم جي ساليانی اجلاس جي موقعي تي ايشيائي ترقياتي بئنڪ (اي ڊي بي) جي صدر ماساتو ڪانڊا ۽ ميئنزس ايوي ايشن جي چيئرمين حسن الهوري سان ملاقاتن ۾ ڪئي ملاقاتن ۾ پاڪستان جي اقتصادي سڌارن جي ايجنڊا کي اڳتي وڌائڻ عالمي حصيداري کي مضبوط ڪرڻ ۽ سيڙپڪاري تي ٻڌل ترقي ۽ اوسر کي هٿي ڏيڻ تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي ايشيائي ترقياتي بئنڪ جي صدر سان ملاقات ۾ پاڪستان ۾ جاري اقتصادي سڌارن جو جائزو ورتو ويو ۽ پاڪستان ۽ اي ڊي بي وچ ۾ پرائي حصيداري کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ جي طريقن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي بئنڪ جي صدر چيو ته پاڪستان اهم معاشي تبديلي جي مرحلي ۾ داخل ٿي رهيو آهي جتي سڌارن ۾ نئين رفتار ۽ مارڪيٽ ۾ وڌندڙ اعتماد نظر اچي رهيو آهي

MERIT-QUALITY-EXCELLENCEMERIT-QUALITY-EXCELLENCEMERIT-QUALITY-EXCELLENCE

Sukkur IBA University
www.iba-suk.edu.pk

NOTICE INVITING RE-TENDER (THROUGH EPADS)
Tender Proc/EPADS/0086

Sukkur IBA University invites bids electronically through EPADS on **single stage two envelope** procedure from the eligible and experienced firms registered with income tax & sales tax departments for following items for Sukkur IBA Univesity.

S.#	ITEMS
01	Establishment of DC Failover Site Data Center

Tender Schedule - Date and Time

	From	To	Submission	Opening
01	January 22, 2026	February 06, 2026 upto 1:00 pm	06-02-2026 03:00 PM Through EPADS	06-02-2026 03:30 PM Through EPADS

Bid Security **2%** of the estimated cost (The estimated cost is mentioned in the procurement plan in the tender document).

Bidding documents can be obtained and shall be submitted through EPADS as per above schedule.

Bidders are requested to give their Best and Final Price as "No Negotiations" is permitted. Bidding Documents containing detailed terms and conditions can be downloaded from following websites & submitted electronically through EPADS:
https://www.iba-suk.edu.pk/tenders
https://portalsindh.eprocure.gov.pk

Bid Security @ 2% of estimated Cost in shape of pay order should be in favor of Sukkur IBA University.

Procuring agency reserves the right to accept or reject any or all bids prior to the acceptance of a bid as per SPP Rules 2010. (Amended to date).

Please send your queries to: naimat.jokhio@iba-suk.edu.pk

SUKKUR IBA UNIVERSITY
Nisar Ahmed Siddiqui Road, Sukkur.
Ph: 071-5644141-5644338 Fax: 071-5804419

PID (H) 278/2025

MERIT-QUALITY-EXCELLENCEMERIT-QUALITY-EXCELLENCEMERIT-QUALITY-EXCELLENCE